46.	**CHARGE NURSE (BS -16)**, Pakistan Institute of Medical Sciences (PIMS), Islamabad, Ministry of National Health Services, Regulations and Coordination. **Vacancies**= Seventy (70). Domicile / Quota: **Punjab** (Women quota) =Two, **Sindh (Rural)** (Women quota)=Two, **Sindh (Urban)**= Twenty (Open Merit=Fourteen, Women quota=Three and Minorities / Non-Muslims quota=Three), **Khyber Pakhtunkhwa** (Minorities / Non -Muslims quota)=One, **Balochistan**=Thirty Eight (Open Merit=Thirty Two, Women quota=Four and Minorities / Non -Muslims quota=Two), **Gilgit Baltistan**=Two (Open Merit=One and Women quota=One) and **AJK** =Five (Open Merit=Three, Women quota=One and Minorities / Non -Muslims quota=One)
47.	**ASSISTANT DIRECTOR (LEGAL) (BS -17)**, Federal Investigation Agency (FIA), Ministry of Interior & Narcotics Control. **Vacancies**= Twelve (12). Domicile / Quota: **Punjab**=Six (Open Merit=Five and Women quota=One), **Sindh (Rural)**=Two (Open Merit=One and Women quota=One), **Sindh (Urban)** (Open Merit)=One, **Khyber Pakhtunkhwa** =Two (Open Merit=One & Minorities / Non-Muslims quota=One) and **EX-FATA** (Women quota)=One
48.	**SUPERINTENDENT (BS-16)**, Federal Investigation Agency (FIA), Ministry of Interior & Narcotics Control **Vacancies**= Twenty Two (22). Domicile / Quota: **Merit**=Two, **Punjab**=Eleven (Open Merit=Nine, Women quota=One and Minorities **/** Non-Muslims quota=One), **Sindh (Rural)** (Open Merit)=Two, **Sindh (Urban)** (Open Merit)=Two, **Khyber Pakhtunkhwa** =Three (Open Merit=Two and Women quota=One), **Balochistan** (Open Merit)=One and **EX-FATA** (Open Merit)=One
49.	**DEPUTY DIRECTOR (BS -18)**, Survey of Pakistan, Ministry of Defence . **Vacancies**= One (1). Domicile / Quota: **Punjab** (Women quota)
50.	**EDITOR (BS-18)**, GHQ, Ministry of Defence. **Vacancies**= One (1). Domicile / Quota: **Sindh (Rural)** (Open Merit)
51.	**TECHNICAL EXPERT (BS -17)**, GHQ, Ministry of Defence . **Vacancies**= Three (3). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=Two and **Sindh (Rural)** (Open Merit)=One
52.	**BULLION SUPERINTENDENT (BS -17),** Pakistan Mint, Lahore, Ministry of Finance. **Vacancies**= One (1). Domicile / Quota: **Sindh (Rural)** (Open Merit).
53.	**ASSISTANT DIRECTOR ESTATE (GENERAL) (BS -17)**, Estate Office Management, Ministry of Housing & Works . **Vacancies**= Six (6). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=Three, **Sindh (Urban)** (Open Merit)=One, **Khyber Pakh tunkhwa** (Open Merit)=One and **Balochistan** (Open Merit)=One
54	**SECONDARY SCHOOL TEACHER (PHYSICAL) (MALE) (BS17)**, Ex- F.G Schools, Federal Directorate of Education, Ministry of Federal Education & Professional Training . **Vacancies**= Four (4). Domicile / Quota: **Punjab** (Minorities / Non -Muslims quota)=One, **Sindh (Rural)** (Open Merit)=One, **Sindh (Urban)** (Open Merit)=One and **Balochistan** (Open Merit)=One
55	**SECONDARY SCHOOL TEACHER (PHYSICAL) (FEMALE) (BS -17)**, Ex- F.G Schools, Federal Directorate of Education, Ministry of Federal Education & Professional Training. **Vacancies**= One (1). Domicile / Quota: **Sindh (Rural)** (Open Merit)
56	**SENIOR ELEMENTARY TEACHER (PHYSICAL) (MALE) (BS16)**, Ex-F.G Schools, Federal Directorate of Education, Ministry of Federal Education and Professional Training. **Vacancies**= Ten (10). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=One, **Sindh (Rural)** =Three (Open Merit=Two & Minorities / Non-Muslims quota=One), **Sindh (Urban)** (Open Merit)=Two, **Balochistan** (Open Merit)=Two, **EX-FATA** (Open Merit)=One and **AJK** (Open Merit)=One
57	**DIRECTOR / PRINCIPAL METEOROLOGIST (BS-19)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence . **Vacancies**= Four (4). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=One, **Sindh (Rural)** (Open Merit)=One, Khyber Pakhtunkhwa (Open Merit)=One and **Balochistan** (Open Merit)=One
58	**DEPUTY DIRECTOR / SENIOR METEOROLOGIST (BS -18)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence. **Vacancies**= Seven (7). Domicile / Quota: **Punjab**=Three (Open Merit=Two and Minorities / Non-Muslims quota=One), **Sindh (Rural)** (Open Merit)=One, **Sindh (Urban)** (Open Merit)=One, **Khyber Pakhtunkhwa** (Open Merit)=One and **AJK** (Open Merit)=One
59	**ELECTRONIC ENGINEER (BS-17)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence . **Vacancies**= Five (5). Domicile / Quota: **Merit**=One, **Punjab** (Open Merit)=Two, **Sindh (Rural)** (Open Merit)=One and **Khyber Pakhtunkhwa** (Open Merit)=One
60	**METEOROLOGIST (BS -17)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence. **Vacancies**= Six (6). Domicile / Quota: **Punjab**=Four (Open Merit=Two, Women quota=One and Minorities / Non -Muslims quota=One), **Sindh (Rural)** (Open Merit) =One and **Khyber Pakhtunkhwa** (Open Merit) =One
61	**PROGRAMMER (BS -17)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence . **Vacancies**= Two (2). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=One and **Balochistan** (Open Merit) =One
62	**ADMINISTRATIVE OFFICER (BS -17)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence. **Vacancies**= Four (4). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=Two, **Sindh (Rural)** (Open Merit)=One and **EX-FATA** (Open Merit) =One
63	**WORKSHOP ENGINEER (BS-17)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence. **Vacancies**= One (1). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)
64	**ASSISTANT METEOROLOGIST (BS-16)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence . **Vacancies**= Eighteen (18). Domicile / Quota: **Merit**=Two, **Punjab**=Nine (Open Merit=Seven, Women quota=One and Minorities / Non -Muslims quota=One), **Sindh (Rural)** (Open Merit)=Two, **Sindh (Urban)** (Open Merit)=One, **Khyber Pakhtunkhwa** (Open Merit)=Two, **Balochistan** (Open Merit)=One and **EX-FATA** (Open Merit)=One
65	**ASSISTANT ELECTRONIC ENGINEER (BS -16)**, Pakistan Meteorological Department (PMD), Ministry of Defence. **Vacancies**= Three (3). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=One, **Khyber Pakhtunkhwa** (Open Merit)=One and **Balochistan** (Open Merit)=One
66	**ASSISTANT DIRECTOR (NETWORKING) (BS-17)**, Anti-Narcotics Force (ANF), M/o Interior and Narcotics Control . **Vacancies**= Two (2). Domicile / Quota: **Punjab** (Open Merit)=One and **Khyber Pakhtunkhwa** (Open Merit)=One
67	**INSPECTOR (BS -16)**, Islamabad Capital Territory Police (ICT), M inistry of Interior and Narcotics Control . **Vacancies**= Twenty Three (23). Domicile / Quota: **Merit**=One, **ICT**= five (Open Merit=Four and Women quota=One), **Punjab**=Nine (Open Merit=Eight and Women quota=One), **Sindh (Rural)** (Open Merit) = Two, **Sindh (Urban)** (Open Merit) = One, **Khyber Pakhtunkhwa** (Open Merit) =Two, **Balochistan** (Open Merit) =One, **EX-FATA** (Open Merit) =One and **AJK** (Open Merit) =One.
68	**MEDICAL OFFICER (BS -17)**, Pakistan Institute of Medical Sciences (PIMS), Ministry of National Health Services, Regulations & Coordination . **Vacancies**= Fifty (50). Domicile / Quota: **Merit**=Four, **Punjab**=Twenty Four (Open Merit=Twenty One, Women quota=Two & Minorities / Non-Muslims quota=One), **Sindh (Rural)**= Six (Open Merit=Five & Women quota= One), **Sindh (Urban)** (Open Merit) = Three, **Khyber Pakhtunkhwa** =Six (Open Merit=Five & Minorities / Non -Muslims quota=One), **Balochistan** (Open Merit) =Three , **EX-FATA** (Open Merit)= Two, **GB** (Open Merit)=One and **AJK** (Open Merit)=One.

Assistant Director
FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION

PID (I) 1495 / 26

عبرت سنسار
IBRAT SANSAR
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 16 آگسٽ 2026ع
سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو

سنڌ پنهنجي وجود سان هٿچراند قبول نه ڪندي

فريد احمد

پاڪستان ۾ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جو بحث هڪ ڀيرو ٻيهر سخت سياسي تڪرار جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. انتظامي سهولت، بهتر حڪمراني ۽ عوام کي بنيادي خدمتون پهچائڻ جي نالي ۾ ملڪ جي موجوده انتظامي ڍانچي تي سوال اٿاريا پيا وڃن. اصولي طور تي بهتر حڪمرانيءَ، انتظامي سڌارن ۽ عوام کي اختيارن جي منتقليءَ بابت بحث ۾ ڪو حرج ناهي، پر جڏهن انتظامي سڌارن جي نالي ۾ سنڌ جهڙي تاريخي ۽ آئيني وحدت جي جاگرافيائي حيثيت کي تبديل ڪرڻ جي ڳالهه سامهون اچي ٿي ته پوءِ سوال رڳو انتظام جو نٿو رهي، سوال تاريخ، آئين، وفاق، عوامي رضامندي ۽ سياسي اخلاق جو بڻجي وڃي ٿو.

سنڌ پاڪستان جي وفاق جو حصو آهي ۽ سنڌ جي پاڪستان سان وابستگيءَ بابت ڪنهن به قسم جو شڪ پيدا ڪرڻ هن بحث جو مقصد ناهي، پر وفاق سان وفاداريءَ جو مطلب اهو به ناهي ته وفاق اندر موجود تاريخي وحدتن جي سڃاڻپ ۽ آئيني حيثيت بابت هر سوال تي خاموشي اختيار ڪئي وڃي. سنڌ جي وحدت جو تحفظ پاڪستان جي مخالفت نه، پر پاڪستان جي وفاقي ڍانچي اندر سنڌ جي تاريخي، آئيني ۽ جمهوري حيثيت جي حفاظت جو مطالبو آهي.

اصل سوال اهو آهي ته انتظامي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي تاريخي وحدت کي ڇهڻ ضروري ڇو سمجهيو پيو وڃي؟ جيڪڏهن ڪراچيءَ ۾ انتظامي مسئلا آهن ته انهن جو حل بهتر مقامي حڪومت ڇو نه آهي؟ جيڪڏهن حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص يا ٻين علائقن ۾ عوام کي سهولتون نٿيون ملن ته انهن علائقن کي وڌيڪ انتظامي اختيار ڇو نٿا ڏنا وڃن؟ جيڪڏهن وسيلن جي ورڇ ۾ مسئلو آهي ته اها منصفاڻي ڇو نٿي بڻائي وڃي؟ جيڪڏهن حڪمراني ڪمزور آهي ته حڪمرانيءَ جو نظام بهتر ڇو نه ٿو ڪيو وڃي؟

هر انتظامي ناڪاميءَ جو علاج صوبو ٽوڙڻ نه هوندو آهي. ۽ جيڪڏهن نون صوبن جو بنيادي دليل انتظامي سهولت آهي ته پوءِ سوال اهو آهي ته سنڌ جي تاريخي وحدت کي ئي ان سهولت جي نالي ۾ ڇو نشانو بڻايو پيو وڃي؟ ڪراچيءَ جا انتظامي مسئلا آهن ته انهن جو حل بااختيار مقامي حڪومت آهي، نه سنڌ جي وحدت کي ٽوڙڻ. حيدرآباد، سکر يا ڪنهن ٻئي علائقي ۾ انتظامي ڪمزوري آهي ته ان جو علاج انتظامي اختيارن جي منتقلي آهي، نه ڪي تاريخي صوبائي سرحدن کي تبديل ڪرڻ. انتظامي ناڪاميءَ جو علاج انتظام بهتر ڪرڻ آهي، صوبو ٽوڙڻ نه.

سنڌ جي معاملي ۾ هي سوال اڃا وڌيڪ حساس آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ رڳو انتظامي نقشي تي ٺهيل ڪا اڪائي نه، پر هزارين سالن جي تاريخ، تهذيب، ٻولي، ثقافت ۽ اجتماعي سڃاڻپ سان جڙيل هڪ تاريخي وطن آهي. انتظامي ضرورتن جي نالي ۾ ڪنهن نئين انتظامي نقشي سان سنڌ جي اها تاريخي حيثيت ختم نٿي ڪري سگهجي ۽ نه ئي ڪنهن پارلياماني قرارداد يا قانون سازيءَ ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي اجتماعي سڃاڻپ کي نظرانداز ڪري سگهجي ٿو.

1940ع جي قراردادِ پاڪستان تحت مسلمان اڪثريتي علائقن جي تاريخي ۽ جغرافيائي وحدتن کي بنياد بڻائي اهڙين آزاد وحدتن جي قيام جو تصور پيش ڪيو ويو جن جون وحدتون خودمختيار ۽ خوداختيار هجن. سنڌ به ان تاريخي سياسي عمل جو حصو هئي. تنهنڪري پاڪستان جي قيام وقت سنڌ سان ٿيل سياسي واعدن ۽ ان جي تاريخي، سياسي ۽ صوبائي حيثيت کي نظرانداز ڪري رڳو پارلياماني انگن اکرن جي بنياد تي سنڌ جي وحدت بابت فيصلو ڪرڻ ان واعدي جي روح سان انصاف نه هوندو.

تنهنڪري اڄ جيڪڏهن انتظامي سڌاري جي نالي ۾ ڪنهن تاريخي وحدت کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته سوال اهو به ٿيندو ته ڇا پاڪستان جي وفاقي تصور کي وڌيڪ مضبوط ڪيو پيو وڃي يا ان جي تاريخي وحدتن بابت هڪ نئون تڪرار پيدا ڪيو پيو وڃي؟

هن معاملي ۾ آئين سڀ کان اهم قانوني حوالو آهي. 1973ع جو آئين صوبائي حدن ۾ تبديليءَ کي ڪا معمولي قانون سازي نٿو سمجهي. آئين جي آرٽيڪل 239 موجب، جيڪڏهن ڪنهن ترميم سان ڪنهن صوبي جون حدون تبديل ٿين ٿيون ته اها ترميم ان صوبي جي اسيمبليءَ جي ڪل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٽياڳي تي اڪثريت کان سواءِ صدر ڏانهن منظوري لاءِ پيش نٿي ڪري سگهجي. ان سان گڏ آئيني ترميم لاءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ به ٻه ٽياڳي تي اڪثريت گهربل آهي.

اهوئي سبب آهي جو صوبائي وحدت بابت فيصلو رڳو مرڪز جي عددي اڪثريت جو فيصلو نٿو رهي. متاثر ٿيندڙ صوبي جي آئيني نمائندگيءَ جي رضامندي به ان عمل جو لازمي حصو آهي. پيپلزپارٽيءَ جي مرڪزي قيادت به تازو ساڳئي آئيني گهرج کي تسليم ڪندي چيو آهي ته نوان صوبا يا صوبائي حدن ۾ تبديلي پارليامينٽ جي آئيني فيصلي ۽ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي ٻه ٽياڳي تي اڪثريت کان سواءِ ممڪن ناهي.

پر هتي ڳالهه رڳو قانون جي نٿي رهي. سنڌ جي وحدت جو سوال ڪنهن هڪ سياسي جماعت جي موقف سان نه، پر سنڌ جي تاريخي حيثيت ۽ عوامي رضامنديءَ سان لاڳاپيل آهي. پيپلزپارٽي سنڌ جي ورهاست خلاف موقف رکي ٿي ته اهو پنهنجي جاءِ تي، پر سنڌ جي وحدت ڪنهن به جماعت جي سياسي ملڪيت ناهي. اقتدار ۾ اڄ هڪ جماعت هجي ٿي، سڀاڻي ٻي. پارليامينٽون به تبديل ٿين ٿيون، پر سنڌ جي تاريخي حيثيت کي ڪنهن به وقت جي سياسي اڪثريت يا اقتداري سوديبازيءَ جو تابع نٿو بڻائي سگهجي.

ان آئيني شرط جي اهميت سمجهڻ گهرجي. اهو تحفظ ان ڪري رکيو ويو آهي ته ڪنهن صوبي جي حدن بابت فيصلو رڳو اسلام آباد جي عددي اڪثريت سان نه ٿي سگهي. متاثر ٿيندڙ صوبي جي نمائنده اسيمبليءَ جي رضامندي به لازمي آهي. يعني آئين پاڻ چوي ٿو ته صوبائي وحدت جو معاملو رڳو مرڪز جي مرضيءَ جو معاملو ناهي.

پوءِ سوال اهو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن سياسي طاقت وٽ قومي اسيمبليءَ ۾ گهربل انگ اچي به وڃن، تڏهن به ڇا اها سنڌ جي وحدت کي سياسي سوديبازيءَ جو موضوع بڻائي سگهي ٿي؟ قانوني طريقيڪار پنهنجي جاءِ تي، پر ڪنهن تاريخي وحدت جي قسمت جو فيصلو رڳو ووٽن جي انگ سان نٿو ٿي سگهي.

قانون آئين ۾ ترميم جو رستو ڏئي ٿو، پر اهو رستو ڪنهن سياسي طاقت کي تاريخي حقن ۽ عوامي رضامنديءَ کان بي نياز نٿو ڪري. پارليامينٽ وٽ ووٽ ٿي سگهن ٿا، پر هر ووٽ کي تاريخي سچائي، عوامي رضامندي ۽ اخلاقي جواز جو متبادل نٿو بڻائي سگهجي.

هتي 2024ع جي عام چونڊن کان پوءِ پيدا ٿيل سياسي اعتماد جو سوال به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. چونڊن جي نتيجن، فارم 45 ۽ فارم 47 بابت شديد تڪرار ۽ اعتراض سامهون آيا. جن ملڪ جي سياسي ماحول ۾ چونڊن جي ساک ۽ سياسي نمائندگيءَ بابت سنجيده سوال پيدا ڪيا. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ساڳئي سياسي بندوبست مان وجود ۾ آيل پارليامينٽ ڪنهن تاريخي صوبائي وحدت جي حدن ۾ تبديليءَ لاءِ اڳتي وڌندي ته ان عمل جي جمهوري ساک بابت سوال اٿڻ فطري هوندو.

هتي ڪنهن چونڊ کي قطعي طور "فراڊ" قرار ڏيڻ کان وڌيڪ اهم سوال اهو آهي: جيڪڏهن پارليامينٽ جي موجوده ساخت ۽ ان جي مينڊيٽ بابت ئي ملڪ ۾ سنجيده سياسي اختلاف موجود آهن، ته ڇا اهڙي پارليامينٽ کي تاريخي صوبائي وحدت جي تقدير بدلائڻ لاءِ گهربل وسيع عوامي اعتماد حاصل آهي؟



اهو سوال ڪنهن پارٽيءَ جي حق يا مخالفت ۾ ناهي. اهو جمهوري اصول جو سوال آهي. پارليامينٽ قانون ٺاهي سگهي ٿي، پر ان جي طاقت به آئين مان ايندي آهي، ۽ آئين جي بالادستيءَ جو مطلب اهو آهي ته پارليامينٽ به آئيني حدن اندر رهي. تاريخي وحدتن بابت فيصلا صرف "اسان وٽ ووٽ پورا آهن" جي منطق سان نٿا ٿي سگهن. قانوني اختيار هڪ ڳالهه آهي ۽ تاريخي وحدت جي تقدير بدلائڻ لاءِ سياسي ۽ اخلاقي جواز ٻي ڳالهه.

ان کان به اهم ڳالهه اها آهي ته سنڌ جي وحدت ڪنهن سياسي جماعت جي ملڪيت ناهي. نه اها پيپلزپارٽيءَ جي جاگير آهي، نه مسلم ليگ جي، نه پي ٽي آءِ جي، نه ايم ڪيو ايم جي ۽ نه ئي ڪنهن ٻي جماعت جي. سياسي پارٽيون اينديون وينديون، حڪومتون ٺهنديون ۽ ختم ٿينديون، پارليامينٽون بدلبيون، پر سنڌ جي تاريخي حيثيت ڪنهن هڪ پارٽيءَ جي اقتداري ضرورت سان تبديل نه ٿيڻ گهرجي.

انهيءَ ڪري جيڪڏهن سڀاڻي ڪنهن حڪومت کي آئيني ترميم لاءِ مخالف ڌر جي ووٽن جي ضرورت پوي ۽ ان جي بدلي ۾ سياسي معاملا طئي ٿين، ته هڪ ڳالهه واضح هئڻ گهرجي: سنڌ جي وحدت ڪنهن به سياسي ڊيل جو حصو نٿي بڻجي سگهي.

هتي پي ٽي آءِ لاءِ به هڪ اصولي امتحان آهي. سياسي حلقن ۾ اهڙيون ڳالهيون گردش ڪري رهيون آهن ته عمران خان کي سياسي يا قانوني رليف ڏيارڻ جي بدلي ۾ پي ٽي آءِ کان اهم قانونسازي خاص طور تي اٺاويهين آئيني ترميم لاءِ سهڪار حاصل ڪرڻ بابت رابطا ۽ معاملا اڳتي وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن اهڙين ڳالهين ۾ ڪا حقيقت آهي ته پوءِ پي ٽي آءِ کي پاڻ کان هڪ بنيادي سوال ضرور ڪرڻو پوندو: جنهن پارليامينٽ جي مينڊيٽ ۽ موجوده سياسي بندوبست کي اها جماعت مسلسل تڪراري قرار ڏيندي رهي آهي، ڇا ساڳئي پارليامينٽ جي ووٽن سان ڪنهن تاريخي صوبائي وحدت جي جاگرافيائي حيثيت تبديل ڪرڻ واري آئيني عمل ۾ شموليت سياسي ۽ اخلاقي طور جائز ٿي سگهي ٿي؟

ڪنهن سياسي اڳواڻ لاءِ رليف هڪ سياسي معاملو ٿي سگهي ٿو، پر سنڌ جي وحدت ڪنهن سياسي رليف جي قيمت نٿي بڻجي سگهي. جيڪو مينڊيٽ پنهنجي سياسي حقن لاءِ تڪراري سمجهيو وڃي ٿو، اهو ئي مينڊيٽ ڪنهن تاريخي وحدت جي تقدير بدلائڻ لاءِ اوچتو قابلِ قبول ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟

ان حوالي سان موجوده سياسي منظرنامي ۾ هلندڙ ڳالهين کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. 28هين آئيني ترميم لاءِ حڪومت پيپلزپارٽيءَ جي سهڪار کان سواءِ به گهربل پارلياماني انگ پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ مخالف ڌر جي ڪجهه ميمبرن، خاص طور پي ٽي آءِ سان ممڪن رابطن ۽ سهڪار جون ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن. جيڪڏهن اهڙو بندوبست واقعي اڳتي وڌي رهيو آهي ته پوءِ ان جو مقصد ۽ ان جي بدلي ۾ ٿيندڙ سياسي مفاهمت پاڻ هڪ اهم سوال بڻجي وڃي ٿي.

ان حوالي سان نجم سيٺيءَ جي تازي ڳالهه ٻولهه به غور طلب آهي. سندس چوڻ آهي ته جيڪڏهن 28هين آئيني ترميم واقعي دور رس نوعيت جي آهي ته اسٽيبلشمينٽ جي ڪوشش هوندي ته پي ٽي آءِ به ان عمل جو حصو بڻجي. هو اهو به چوي ٿو ته پي ٽي آءِ اڳ ۾ عمران خان جي حوالي سان 16، 18 يا 32 صوبن جي ڳالهه جي حمايت جو اظهار ڪري چڪي آهي، پر عمران خان جي منظوري کان سواءِ اهڙي وڏي فيصلي ڏانهن اڳتي وڌڻ ممڪن ناهي. سيٺيءَ جي تجزيي موجب عمران خان اها منظوري ڪنهن "ڊيل" کان سواءِ نه ڏيندو. تنهنڪري ساڻس رابطو، ملاقاتون ۽ مرحليوار سياسي مفاهمت جا امڪان پيدا ٿي رهيا آهن. هو ته ايتري تائين چوي ٿو ته عمران خان کي اڳواٽ آگاهه ڪيو ويو هوندو ته هن معاملي تي ڏي وٺ ٿيڻي آهي ۽ اها ڏي وٺ مرحليوار به ٿي سگهي ٿي.

جيڪڏهن نجم سيٺيءَ جو هي تجزيو موجوده سياسي رابطن جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو ته پوءِ پي ٽي آءِ لاءِ اهو هڪ وڏو اصولي امتحان آهي. جيڪا جماعت موجوده پارليامينٽ جي مينڊيٽ ۽ 2024ع جي چونڊن جي نتيجن کي مسلسل تڪراري قرار ڏيندي رهي آهي، ان کي پاڻ کان اهو سوال ضرور ڪرڻو پوندو ته ساڳئي پارليامينٽ سان ڪنهن اهڙي آئيني ترميم تي مفاهمت ڪهڙي اخلاقي اصول تحت ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ نون صوبن يا ڪنهن تاريخي صوبائي وحدت جي جاگرافيائي حيثيت بدلائڻ جو معاملو شامل هجي؟

عمران خان لاءِ سياسي يا قانوني رليف هڪ سياسي معاملو ٿي سگهي ٿو، پر سنڌ جي وحدت ڪنهن سياسي رليف جي قيمت نٿي بڻجي سگهي. قانوني اختيار هڪ ڳالهه آهي ۽ تاريخي وحدت جي تقدير بدلائڻ لاءِ سياسي ۽ اخلاقي جواز ٻي ڳالهه.

ساڳيو سوال حڪمران ڌرين کان به ٿيندو. جيڪڏهن نون صوبن جو بنياد واقعي انتظامي سهولت آهي ته پوءِ سنڌ ئي ڇو؟ سنڌ جي انتظامي مسئلن جو حل سنڌ جي وحدت کي ورهائڻ ڇو سمجهيو وڃي؟ حڪمرانيءَ جون ناڪاميون، ادارن جون ڪمزوريون ۽ عوامي سهولتن جي کوٽ ڪنهن تاريخي وحدت کي ورهائڻ جو جواز ڪيئن بڻجي سگهن ٿيون؟

سنڌ کي انتظامي ناڪاميءَ جي سزا ڇو ڏني وڃي؟ جيڪڏهن حڪمراني خراب آهي ته حڪمرانن کي جوابده بڻايو وڃي. جيڪڏهن ادارا ڪمزور آهن ته ادارا مضبوط ڪيا وڃن. جيڪڏهن مقامي حڪومتون ڪمزور آهن ته انهن کي آئيني ۽ مالي اختيار ڏنا وڃن. جيڪڏهن وسيلن جي ورڇ ۾ ناانصافي آهي ته ورڇ جو نظام درست ڪيو وڃي، پر جيڪڏهن انهن سڀني مسئلن جو آخري جواب سنڌ جي وحدت کي تبديل ڪرڻ ۾ ڳوليو وڃي ته پوءِ سوال ضرور ٿيندو ته مسئلو انتظام جو آهي يا ارادو ڪجهه ٻيو آهي؟

سنڌ جي ماڻهن کي اهو حق آهي ته هو پنهنجي تاريخي وطن بابت سوال ڪن. اهو حق آئين کسي نٿو وٺي. اهو حق وفاقي وابستگيءَ جي خلاف ناهي ۽ نه ئي پاڪستان جي خلاف آهي. بلڪه وفاق جي اندر پنهنجي آئيني حيثيت بابت سوال ڪرڻ وفاقي جمهوريت جو ئي حصو آهي. سنڌ 1940ع واري قراردادِ پاڪستان جي ان اصول تحت اهڙي وفاقي نظام جو حصو بڻي هئي، جنهن ۾ اهو اصول پيش ڪيو ويو هو ته تاريخي آزاد اڪايون خودمختيار ۽ خوداختيار هونديون. سنڌ جي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو مطلب اهو نه هو ته وقت جي ڪنهن سياسي اڪثريت کي سنڌ جي تاريخي اڪائيءَ خلاف مرضي مڙهڻ جو اختيار ملي وڃي. وفاق جو مطلب ئي اهو آهي ته ان ۾ شامل تاريخي اڪاين جي سڃاڻپ ۽ حقن جو احترام ڪيو وڃي.

جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو ته عددي طاقت جي زور تي سنڌ جي وحدت بابت فيصلو ڪري سگهجي ٿو ته ان کي آئين جو اهو بنيادي اصول ياد رکڻ گهرجي ته متاثر ٿيندڙ صوبائي اسيمبليءَ جي ٻه ٽياڳي تي رضامندي کان سواءِ صوبائي حدن ۾ تبديليءَ جو دروازو کلي نٿو سگهي. تنهنڪري بحث جو مرڪز اهو نه هئڻ گهرجي ته "سنڌ کي ڪير ورهائيندو؟" اصل سوال اهو هجڻ گهرجي:

"سنڌ جي وحدت کي ڇهڻ جي ضرورت ئي ڇو پيش اچي رهي آهي؟"

جيڪڏهن جواب انتظامي سهولت آهي ته انتظام بهتر ڪيو وڃي. جيڪڏهن جواب حڪمراني آهي ته حڪمراني بهتر ڪئي وڃي. جيڪڏهن جواب وسيلن جي ورڇ آهي ته ورڇ منصفاڻي ڪئي وڃي. ۽ جيڪڏهن جواب عوام جي سهولت آهي ته عوام کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن. پر سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخي وحدت کي ڪنهن به انتظامي ناڪاميءَ جو عيوضو بڻائڻ کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو. سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به فيصلي کي رڳو پارلياماني انگن اکرن سان نه، پر تاريخي حقيقت، عوامي رضامنديءَ ۽ وفاقي اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻو پوندو. آئين صوبائي حدن جي تبديليءَ لاءِ جيڪو رستو مقرر ڪري ٿو اهو رڳو قانوني گهرج ناهي. اهو وفاقي ڍانچي ۾ صوبائي رضامنديءَ جي اهميت جو به اظهار آهي. سنڌ جي وحدت ڪنهن انتظامي ناڪاميءَ جو علاج ناهي. اها هڪ تاريخي حقيقت آهي جنهن کي سياسي طاقت جي عارضي توازن تي قربان نٿو ڪري سگهجي.



تمام اہل وطن کو جشن آزادی مبارک ہو
SBI
سنڌ بروهي اتحاد
سنڌ بروهي اتحاد فيصلا ڪاميٽي اڳواڻ رئيس خداداد بروهي ضلعو صدر نظير بروهي سينئر نائب صدر ميرڪرم خان بروهي

محمد عثمان راجپوت سٽي صدر پ پ شهدادپور

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سمورن اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شاهه عبداللطيف فائونڊيشن جي پانڌيئڙن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.
پاران
رئيس فهد خان وساڻ
(پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ، صدر شاهه لطيف فائونڊيشن شهدادپور)

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي موقعي تي اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاري ۽ صدرالدين شاهه ۽ حر جماعت فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻن ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.
پاران
محمد افضل سنجراڻي
(فنڪشنل مسلم ليگ اڳواڻ شهدادپور)

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي موقعي تي اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاري ۽ صدرالدين شاهه ۽ حر جماعت فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻن ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

مبارڪ جشن آزادي
آئون جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ايم پي اي حاجي مير الله بخش خان ٽالپر صاحب چيئرمين ٽائون ڪاميٽي راڄوخاڻي مير عرفان خان ٽالپر صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪيان ٿو
پاران: رئيس محمد علي دلواڻي
ڪائونسلر يونين ڪائونسل ڏيئي

14 آگسٽ يوم آزادي جي پرمسرت موقعي تي وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه سنڌ جي وڏي وزير جي سينيئر پرسنل سيڪريٽري محترم محمد سليم باجاري ۽ سيوهڻ ۾ ايندڙ لعل شهباز قلندر جي پانڌيئڙن ۽ افواج پاڪستان کي يوم آزادي جي پرمسرت موقعي تي دل جي نيڪ گهراين سان مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.
پاران: حاجي منظور احمد سومرو صدر ايوان
صنعت تجارت وحرفت سيوهڻ شريف


پاکستان ہمارے بزرگوں کی عظیم جدوجہد، لازوال قربانیوں اور بے مثال عزم کا ثمر ہے۔ قائداعظم محمد علی جناح کے وژن کے مطابق ایک مضبوط، جمہوری، خوشحال اور ترقی یافتہ پاکستان کی تعمیر ہم سب کی مشترکہ ذمہ داری ہے۔
آئیں اس یوم آزادی پر عہد کریں کہ ہم اتحاد، جمہوریت، رواداری اور خدمتِ خلق کے جذبے کے ساتھ وطنِ عزیز کی ترقی، خوشحالی اور استحکام کے لیے اپنا کردار ادا کریں گے۔
پاکستان زندہ باد!
گیان چند ایسرانی
مشیر وزیر اعلیٰ سندھ برائے محکمہ بحالی

مبارڪ جشن آزادي
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي سنڌ جي ودي وزير سيد مراد علي شاهه صاحب، پاڪ فوج جي جوانن ۽ اهل وطن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي. سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ سيوهڻ سميت سنڌ جي عوام جي خدمت ۾ اڳيرو آهي ۽ رهندو. انشاءَ الله

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري، محترمه فريال ٽالپر، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، گهروءِ قانون جي صوبائي وزير محترم ضياءُ الحسن لنجار ۽ ضلع نوشهروفيروز جي عوام کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.
پاران: غلام رسول پرت جنرل سيڪريٽري
پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقو ڀريا، ضلعو نوشهروفيروز

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت موقعي تي صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري، محترمه فريال ٽالپر، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، گهروءِ قانون جي صوبائي وزير محترم ضياءُ الحسن لنجار ۽ ضلع نوشهروفيروز جي عوام کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.
پاران: نبي بخش لاکو
اڳوڻو سينئر نائب صدر پ پ ضلع نوشهروفيروز

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پر مسرت موقعي تي سروري جماعت جي روحاني پيشوا ايم اين اي مخدوم جميل الزمان، سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان، ضلعي ڪائونسل مٽياري جي چيئرمين مخدوم احمد الزمان سميت پيپلزپارٽي، سروري جماعت جي ڪارڪنن، مٽياري ضلعي جي عوام کي وطن عزيز جي آزادي جون لک لک واڌايون هجن.

جشن آزادي مبارڪ
14 آگسٽ جشن آزادي جي پرمسرت ڏينهن تي چيف سردار الطاف خان جانوري، ايم اين اي عرفان ظفر لغاري صاحب، ايم پي اي خيرپور نائن شاهه، محترم زبير احمد خان جوڻيجو، ايم پي اي ميهڙ محترم فياض علي خان ڀٽ پ پ اڳواڻ امتياز پاشا ڀٽ سميت ميهڙ جي عوام کي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو.
جانوري اتحاد پاڪستان جو سرواڻ پوٽار ساجد خان جانوري ۽ ميهڙ جي جانوري برادري

جشن آزادي
جشن آزادي جي پرمسرت ڏينهن تي آرمي چيف فيلڊ مارشل محترم جناب عاصم منير صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.
پاران: ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ خان پنهور
بلڊر ۽ پراپرٽي ڊيلر ميهڙ

جشن آزادي مبارڪ
جشن آزادي جي پرمسرت ڏينهن تي نوجوان ايم پي اي ميهڙ محترم فياض علي خان ڀٽ صاحب، پ پ سنڌ ڪائونسل جي ميمبر محترم امتياز پاشا خان ڀٽ صاحب سميت ميهڙ جي عوام کي مبارڪباد پيش ڪريا ٿو.
رضا علي مهيسر
نائب صدر پ پ سٽي ميهڙ

جشن آزادي
جشن آزادي جي پر مسرت موقعي تي سنڌ جي ارڏي سياستدان، شير سنڌ، مسلم ليگ ن سنڌ جي صدر بشير ميمڻ، نصير ميمڻ سميت مسلم ليگ ن جي ڪارڪنن، نيوسعيدآباد جي عوام کي وطن عزيز جي آزادي جون لک لک واڌايون هجن.
پاران: سيٺ حاجي محمد رحيم ميمڻ
اڳوڻو ڪائونسلر نيوسعيدآباد

جشن آزادي
جشن آزادي جي پر مسرت موقعي تي سنڌ جي ارڏي سينئر سياستدان مسلم ليگ ن جي مرڪزي اڳواڻ سيد شاهه محمد شاهه، مسلم ليگ ن حيدرآباد ڊويزن جي اڳواڻ سيد شاهه زمان شاهه سميت مسلم ليگ ن جي ڪارڪنن، مٽياري ضلعي جي عوام کي وطن عزيز جي آزادي جون لک لک واڌايون هجن.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلور پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 16 آگسٽ 2026ع

آمريڪا- ايران تڪرار: ڳالهين جا دروازا بند نه ٿيڻ گهرجن

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي موڙ تي پهچي وئي آهي، جتي سفارتڪاري ۽ طاقت جي سياست هڪ ٻئي جي سامهون بيٺل نظر اچي رهيون آهن. ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچيءَ جو اهو چوڻ ته ’آمريڪا سان ڳالهين جي ٻيهر شروعات بابت اڃا تائين ڪو فيصلو نه ٿيو‘، موجوده صورتحال جي حساسيت کي ظاهر ڪري ٿو. هڪ طرف پاڪستان ۽ قطر جهڙا ملڪ ٻنهي ڌرين وچ ۾ پيغامن جي ڏي وٺ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ته ٻئي طرف آمريڪا طرفان ايران تي وڌيڪ معاشي دٻاءُ وجهڻ جون ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن. اهڙي ماحول ۾ ڪنهن به قسم جي غلط فهمي يا جذباتي فيصلي جا اثر رڳو ٻنهي ملڪن تائين محدود نه رهندا پر سڄي وچ اوڀر ۽ عالمي معيشت کي متاثر ڪري سگهن ٿا. ايراني پرڏيهي وزير جو موقف واضح آهي ته ثالثي ڪندڙ ملڪ ايران سان رابطا ڪري رهيا آهن پر پيغامن جي ڏي وٺ کي آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ سڌين ڳالهين جي شروعات نٿو چئي سگهجي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته تهران هن وقت سفارتي دروازو مڪمل طور بند ڪرڻ نٿو چاهي پر ساڳئي وقت آمريڪا سان ڳالهين بابت جلدبازي به ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اها صورتحال ان ڳالهه جي تقاضا ڪري ٿي ته ثالثي ڪندڙ ملڪ پنهنجي ڪوشش کي وڌيڪ اثرائتو بڻائين ۽ ٻنهي ڌرين کي اهڙي ميز تي آڻڻ لاءِ ماحول پيدا ڪن، جتي جنگ بدران ڳالهين کي ترجيح ملي. پاڪستان ۽ قطر جو ڪردار هتي انتهائي اهم ٿي سگهي ٿو. پاڪستان ايران جو پاڙيسري ملڪ آهي ۽ خطي ۾ امن سان سنئون سڌي وابستگي آهي. ڪنهن به جنگ يا ڇڪتاڻ جو اثر پاڪستان جي سرحدن، واپار، توانائيءَ جي فراهمي ۽ معاشي صورتحال تي به پئجي سگهي ٿو تنهن ڪري اسلام آباد لاءِ ضروري آهي ته هو امن لاءِ سفارتي ڪوششن کي جاري رکي ۽ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جي بحاليءَ لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري.

ٻئي طرف آبناءِ هرمز بابت سامهون ايندڙ سخت بيان صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائين ٿا. ايراني پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي جو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيان تي سخت ردعمل ان ڳالهه جو اظهار آهي ته تهران آبناءِ هرمز کي پنهنجي قومي سلامتي ۽ علائقائي مفادن سان ڳنڍيل انتهائي حساس معاملو سمجهي ٿو. آبناءِ هرمز دنيا جي اهم سامونڊي واپاري رستن مان هڪ آهي جنهن جي سلامتي عالمي توانائي جي فراهمي ۽ تيل جي مارڪيٽ لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي. اهڙي گذرگاهه بابت جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي ٿي ته ان جا معاشي اثر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن تائين پهچي سگهن ٿا. تيل جي قيمتن ۾ واڌ، سامونڊي واپار ۾ رڪاوٽون، درآمدي خرچن ۾ واڌ ۽ مهانگائيءَ جو نئون دٻاءُ عالمي معيشت لاءِ وڏو مسئلو بڻجي سگهي ٿو. پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ، جيڪي پنهنجي توانائيءَ جون ضرورتون وڏي حد تائين درآمد ذريعي پوريون ڪن ٿا، اهڙي صورتحال وڌيڪ ڳڻتي جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

آمريڪا طرفان ايران تي سخت معاشي دٻاءُ وڌائڻ جي ڳالهه به سوال پيدا ڪري ٿي ته ڇا پابنديون ۽ معاشي دٻاءُ واقعي تهران کي پنهنجي موقف تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهندا؟ ماضيءَ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته پابنديون ڪنهن ملڪ تي معاشي اثر ته وجهي سگهن ٿيون پر سياسي مسئلن جو مستقل حل صرف دٻاءُ ذريعي حاصل ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. ڪيترن ئي موقعن تي سخت دٻاءُ ڳالهين جا رستا کولڻ بدران موقفن ۾ وڌيڪ سختي پيدا ڪندو آهي. اڄ دنيا کي نئين جنگ نه پر نئين سفارتڪاري جي ضرورت آهي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ اختلاف ڪيترا ئي ڇو نه هجن، انهن جو حل جنگ يا ڌمڪين ۾ نه پر ڳالهين ۾ ئي لڪل آهي. آبناءِ هرمز جهڙي حساس گذرگاهه کي عالمي بحران جو مرڪز بڻجڻ کان بچائڻ به عالمي برادريءَ جي گڏيل ذميواري آهي. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته آمريڪا، ايران، پاڪستان، قطر ۽ ٻين لاڳاپيل ملڪن جي سفارتي ڪوشش کي مضبوط ڪيو وڃي. جيڪڏهن اڄ ڳالهين لاءِ دروازو کليل رکيو ويو ته سڀاڻي ڪنهن وڏي بحران کي روڪي سگهجي ٿو پر جيڪڏهن سفارتڪاريءَ جا دروازا بند ۽ ڌمڪين جو سلسلو جاري رهيو ته ان جا نتيجا ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود نه رهندا پر اها باهه سڄي دنيا کي وڪوڙي ويندي ۽ پوءِ انهيءَ کي وسائڻ ڏکيو نه پر ناممڪن بڻجي ويندو.

لطيفي لات ـــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

هَنِ تارِي، هَنِ هَيٺِ، هَتِ مُنهِنجا سُپِرِين،
سَڄَڻُ مَاکِيءَ مِيٺِ، ڪَوڙا ٿِينِ نه ڪَڏهِين..

لطيف سائين هتي اسان کي انسان جي نفسياتي، جبلتي عادتن، ڪيفيتن يا حالتن واري منظر جي اپٽار ڪري ٻڌائي ٿو ته ڏورانهين ڏيهه يعني پنهنجي پرين، پنهنجي سڄڻن تائين پهچ کان پري هوندا آهن ته پوءِ هو پنهنجو من پرچائڻ ڪاڻ دل جي سڪون خاطر آسمان جي ستارن يا جن کي اسين آسماني نکٽ چئي سگهون ٿا (سنڌ جي آسمان جا چار نکٽ آهن جن ۾ ڪَتيِ، ٽيڙو، لَڏا ۽ وڇون اچي وڃن ٿا) انهن ڏانهن نهاري اهو طرف يا ڏس جو تعين ڪن ٿا ته هَن تاري جي سامهون يا سِڌ ۾ ۽ هَنِ تاري جي بلڪل هيٺان ئي منهنجا سڄڻ منهنجا سپرين آهن انهن سپرين جو وضع قطع بيان ڪندي لطيف سائين ٻڌائي ٿو ته منهنجا سڄڻ ڏاڍا مان مريادا وارا آهن سندن قرب ڪچهري، ميل جول ڳالهه ٻولهه ماکي جي مٺاس جهڙي وڻندڙ ۽ دلپذير هوندي آهي هو فضيلت ڀريا آهن هنن منجهه ڪڏهن به وڏائي يا لاپرواهي ناهي ۽ نه ئي وري مُنهن چاڙهه ۽ آڪڙ باز آهن هو ته ڳڻن ڀريا آهن سدائين پريم جا پياسي آهن.. **(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)**

حقيقي وڏا ماڻهو!

منظور ڪوسو

اسان وٽ وڏي ماڻهو هئڻ جو به هڪ عجيب تصور آهي يعني مال دولت، راڄ ڀاڳ، وڏا بنگلا ماڙيون ۽ عهدا پوءِ ڀلي ڪٿي مها ڪريٽ ئي ڇو نه هجي، آهي محل ماڙيون ماڻهن جي رت ۽ پگهر (ٽئڪسز) مان ڇو نه ناهيون هجنس ۽ هشمت وارو وڏيون گاڏيون، هٿياربند باڊي گارڊ، اخلاق هجيس نه هجيس ڀلي آڪڙيو خان هجي ماڻهن سان دڙڪي داٻي سان ڳالهائي، انهن جي تذليل ڪندو وتي، پوءِ به غريب ماڻهو ائين چوندا ’يار اڄ ته صاحب ڏاڍو گرم آ‘ صاحب جي گرمي محسوس ڪندا پر پنهنجي ذلالت ۽ توهين جو احساس نه ٿيندو سچ پڇو ته اها سطح جتي ڏک جو احساس نه ٿئي پر ڏک جي ذلالت جو احساس نه ٿئي، قومن لاءِ بيحد خطرناڪ هوندو آهي ۽ جي ائين چئجي ته سنڌي قوم جي اڪثر آبادي انهن حالتن مان گذري ٿي ته بيجا نه ٿيندو! اسان کي سڃاڻ واري صلاحيت ڪاٿي يا وري مصيبتن مٿان مصيبتون بچي اسان کان اها صلاحيت کسي وئي آهي.

سرها ٿيا ـ سي جن سڃاتو سراڻ سين ـ
تيغ تنين جي ڪي ڪٽ نه لڳي ڪڏهين

سڃاڻ نه هئڻ ڪري اسان جا ذهن زنگجي ويا آهن هوندن به مال دولت جي حساب سان وڏا ماڻهو سمجهيا ويندڙ ماڻهو جن جو هڪ مختصر خاڪو مون مٿي ذڪر ڪيو انهن کي گونگا، ٻوڙا، عقل کان عاري ۽ جي حضوري وارا ماڻهو ڪيندا آهن ته ڪي ڏاها، هو ايستائين وڏا ماڻهو ليکيا ويندا، جيستائين انهن جو رعب ۽ تاب قائم رهندو جيستائين ان قسم جي ابوجهه مخلوق موجود آهي تڏهن ئي ته ٻهراڙين ۾ نه اسڪولن جي ڪا چڱي حالت، نه ئي استادن جو ڪو مان مرتبو ڪٿي ويچارا ڦريا لُٽيا ويندا ته ڪٿي ماريا ويندا جيئن استاد الله رکيو ننڊوائيءَ جو قتل ٿيو اجمل ساوند ۽ رستم شهر جي نوجوان استاد صدام مهر جي قتل سميت سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا ٿيا، جن استادن ۾ ڏهڪاءُ پکيڙيو ۽ ٻهراڙيءَ جا اسڪول ويران ٿيڻ لڳا. هڪ استاد کي تحفظ ڪونه، قبائلي فسادن اسڪول برباد ڪيا ۽ جتي وري اسڪول کليل آهن ته اتي وري تعليم جو معيار ڪونهي دنيا الائي ڪٿي پهتي آهي پر اسان جي نصاب جي حالت اها آهي ته اسان اڃان تائين ”صابو هار ڏنا، ڏني هار پاتا“ مان جان ڇڏائي ڪين سگهيا آهيون وزير تعليم سنڌ سردار علي شاهه ڪيتريون ئي ڪوششون ڇو نه وٺي پر جيستائين نصاب ۾ جدت نه ايندي ۽ اهو ٻار جي ذهن مطابق نه هوندو، تيستائين تعليم جي شعبي ۾ ڪا ترقي نه ٿيندي. بهرحال اسان جو وڏو ماڻهو سڏيو ويندڙ به اهو ئي چاهي ٿو ته قوم جا ٻچا جٽ ۽ جاهل هجن جيئن سندن حڪمراني قائم رهي سگهي تڏهن ئي ته هو پنهنجي تر ۾ اسڪولن جي ملڪي ڪونه ٿو ڪري. اسڪولن ۽ اسپتالن جا وڏي فخر سان افتتاح ڪندو ۽ هامون هڻندو وتندو ته هيءُ ٺهرايوسين، هو اسان ٺهرايوسين ۽ پوءِ اسان جهڙا ابوجهه ماڻهو پيا تاڙيون وڄائيندا ۽ واهه واهه ڪندا پر حقيقت اها آهي ته هنن اڄ ڏينهن تائين ڪجهه ٺهرايو ئي ڪين هوندو سڀ ڪجهه عوام جي ڏنل ٽئڪسن مان ٺهي پيو سنڌ سڄي مثالن سان ڀري پئي آهي پر مان هتي مختصر طور پنهنجي شهر شڪارپور جي ڳالهه ڪندس جيئن وڏن ماڻهن جي وڏماڻهپ کي سڃاڻي سگهون ورهاڱي کان اڳ هندو سيٺ جيڪي اسڪول ڪليج ۽ اسپتالون ٺهرائي ويا، انهن جي وڃي ڪاٿو ئي ڇا ٺهرايو ويو؟ وينر تاريخي جاين تي قبضي ڪرڻ جون سازشون ٿيون ويون، شاهي باغ جي زمين جو ٽين وال ٺيڪ ۽ سر هينري هليڊ اکين جي اسپتال جي تباهي اسان جي سامهون آهي ناهيو سين ته ڪجهه ڪونه پر ٺهيل کي به سنڀالي ڪين سگهياسين اسان کي هاڻي روايتي ”وڏماڻهپ“ جي فرسوده تصور مان نڪرڻ کپي وڏو ماڻهو ته سيٺ هيرانند هو، جنهن عورتن لاءِ ”گنگا ٻائي هيرانند“ اسپتال قائم ڪئي ۽ اکين جي سرجن سَر هينري هليڊ سان رابطو ڪري 5 ڊسمبر 1909ع تي شڪارپور ۾ پهرين اکين جي مفت ڪئمپ لڳرائي اڄ اکين جي اسپتال خراب صورتحال ۾ آهي ۽ ڪنهن جهنگ ٻيلي جو ڏيک ڏئي رهي آهي شهر جا وارث ۽ ملڪ سڏرائيندڙ روز هتان گذرن ٿا پر ڪين کي ڪو جهجهو ڪونه پيو اچي وڏو ماڻهو ته راءِ بهادر اوڌوداس تاراچند چاڙيا هو 1933ع ۾ اسپتال جي پيڙهه جو پٿر پيو ۽ 2 فيبروري 1935ع تي افتتاح ٿيو اسپتال جي واڌاري لاءِ بمبئي ويو، جتي 22 هزار 8 سئو 66 رپيا عطيو گڏ ڪيائين ۽ ان ئي مهم دوران 17 جنوري 1943ع تي سَر هينري ڪشن اسپتال ۾ ديهانت ڪري ويو سرگواسي اوڌوداس جي محنتن کي ڏسندي اڄ اسپتال جي حالت ڏسون ٿا ته ڳوڙها ڳڙي ٿا پون پروفيسر شيورام ڦيرواڻي ۽ ديوان مرليڌر ”شڪارپور اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني“ جو بنياد وڌو ۽ آگسٽ 1924ع تي شهر کي روشن ڪري ڇڏيائون سيٺ ميٺگهراج 1932ع ۾ نيو ايرا هاءِ اسڪول قائم ڪيو ويو، جيڪو اڄ قاضي حبيب الله هائير سيڪنڊري اسڪول جي نالي سان ڪم ڪري رهيو آهي جديد سنڌي شاعريءَ جي چنڊ شيخ اياز به هتان مئٽرڪ پاس ڪئي پريتم ڌرم سڀا سڀا (1889ع) هاڻوڪو شاهه لطيف هاءِ اسڪول ڇيلا سنگهه ۽ سيتلداس ڪليج (سي اينڊ ايس ڊگري ڪليج 1932ع) وڏن ماڻهن جي هڪ طويل تاريخ آهي جن مان مون هتي چند مثال پيش ڪيا، جن اهو سڀ ڪجهه پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيو جن جو مقصد اهو آهي ته حقيقي وڏا ماڻهو اهي آهن جن پنهنجن ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪجهه ڪيو يا ڪري رهيا آهن اهي ئي وڏا ماڻهو آهن

آزاديءَ جي حفاظت: جوانن جون قربانيون ۽ دهشتگرديءَ خلاف قومي جنگ!

اياز وگهيو

14 آگسٽ پاڪستان جي تاريخ جو اهو روشن ڏينهن آهي جيڪو اسان کي آزاديءَ جي انهن بي مثال قربانين جي ياد ڏياري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان دنيا جي نقشي تي هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان ظاهر ٿيو. ننڍي کنڊ جي مسلمانن پنهنجي جان، مال، گهرن ۽ مستقبل جون قربانيون ڏئي آزادي حاصل ڪئي جڏهن اسين پاڪستان جي آزاديءَ جي 79هين سالگرهه ملهائي رهيا آهيون، تڏهن اسان لاءِ ضروري آهي ته آزاديءَ جي قدر سان گڏ انهن محافظن کي به ياد ڪريون جن قيام پاڪستان کان وٺي اڄ تائين ملڪ جي سلامتي ۽ خودمختياري لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن. پاڪستان جي آزادي رڳو 1947ع جي هڪ تاريخي واقعي جو نالو ناهي پر اها هڪ مسلسل ذميواري پڻ آهي. آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان کي ڪيترن ئي اندروني ۽ بيروني چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو. خاص طور تي گذريل ٻن ڏهاڪن دوران دهشتگردي پاڪستان جي امن، معيشت ۽ سماجي زندگي لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي سامهون آئي. هن جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ پوليس، فرنٽيئر ڪور (ايف سي)، رينجرز، انٽيليجنس ادارن ۽ عام شهرين به وڏي قرباني ڏني آهي. دهشتگرديءَ خلاف جنگ جو سڀ کان وڏو نقصان اهو ٿيو ته ملڪ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ عام زندگي متاثر ٿي. اسڪول، بازارون، مسجدون، سرڪاري ادارا ۽ عوامي هنڌ دهشتگردن جي نشاني تي رهيا. دهشتگردن جو مقصد صرف جاني نقصان پهچائڻ نه پر ماڻهن جي دلين ۾ خوف پيدا ڪرڻ، رياستي ادارن تي اعتماد ڪمزور ڪرڻ ۽ پاڪستان جي ترقيءَ جي عمل کي روڪڻ پڻ رهيو آهي پر پاڪستان جي عوام ۽ سيڪيورٽي ادارن دهشتگردي آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪيو.

بلوچستان ۾ دهشتگردي پاڪستان لاءِ هڪ انتهائي اهم چئلينج بڻيل آهي. بلوچستان ملڪ جو سڀ کان وڏو صوبو آهي ۽ معدني وسيلن، گوادر بندرگاهه، سامونڊي پٽي ۽ جاگرافيائي اهميت سبب پاڪستان جي مستقبل لاءِ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو. بدقسمتيءَ سان ڪجهه دهشتگرد تنظيمون بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز، پوليس، عام شهرين ۽ ترقياتي منصوبن کي نشانو بڻائينديون رهيون آهن. انهن حملن جو مقصد بلوچستان ۾ خوف پيدا ڪرڻ ۽ ترقيءَ جي رفتار کي روڪڻ آهي. بلوچستان جي ڏکين پهاڙي علائقن ۽ وسيع سرحدي پٽي ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن آسان ڪم ناهي. سيڪيورٽي فورسز جا جوان سخت موسمي ۽ جاگرافيائي حالتن ۾ پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏين ٿا. ڪيترن ئي آپريشن دوران فوجي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار شهيد ٿيا آهن. انهن شهيدن جي قرباني اسان کي اهو ياد ڏياري ٿي ته ملڪ جي سلامتيءَ جي قيمت ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي جان سان ادا ڪرڻي پوي ٿي. بلوچستان سان گڏ خيبر پختونخواهه به دهشتگرديءَ خلاف جنگ جو هڪ اهم محاذ رهيو آهي. خاص طور تي تحريڪِ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) جي دهشتگرد سرگرمين سبب ڪي پي ڪي جي عوام ۽ سيڪيورٽي ادارن کي وڏي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو آهي. قبائلي ضلعن کان وٺي پشاور، بنون، ڊيرا اسماعيل خان، لڪي مروت ۽ ٻين علائقن تائين دهشتگرد حملن ڪيترن ئي خاندانن کي متاثر ڪيو آهي.

ڪي پي ڪي جي سرزمين تي پاڪ فوج ۽ پوليس جي ڪيترن ئي جوانن شهادت ماڻي آهي. انهن جوانن جو فرض رڳو سرحدن جي حفاظت تائين محدود نه رهيو پر انهن شهرن، ڳوٺن، بازارن ۽ عوامي هنڌن کي محفوظ رکڻ لاءِ پڻ قربانيون ڏنيون. پوليس اهلڪارن جون قربانيون به ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ناهن. ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي ئي شهرن ۽ علائقن ۾ دهشتگردن سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻيندا رهيا آهن. دهشتگرد گروهن جي خلاف جنگ جو هڪ اهم پاسو اهو آهي ته انهن جو نشانو رڳو سيڪيورٽي ادارا نه آهن. دهشتگرد عام ماڻهن تعليمي ادارن ۽ عوامي هنڌن تي حملا ڪري سماج ۾ خوف پيدا ڪرڻ چاهين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ دهشتگرديءَ خلاف جنگ اصل ۾ پاڪستان جي مستقبل جي جنگ بڻجي وڃي ٿي جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن کي محفوظ تعليم، نوجوانن کي روزگار ۽ عوام کي امن فراهم ڪرڻ چاهيون ٿا ته دهشتگرديءَ جو خاتمو قومي ترجيح هجڻ گهرجي پاڪ فوج ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جون قربانيون يقيناً قابل احترام آهن پر دهشتگرديءَ جو مستقل حل صرف فوجي طاقت ۾ ناهي ان سان گڏ بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي سميت ملڪ جي سڀني علائقن ۾ تعليم، روزگار، صحت، انصاف ۽ معاشي ترقيءَ جا موقعا وڌائڻ ضروري آهن خاص طور تي نوجوانن کي مثبت مستقبل ڏيڻ انتهائي اهم آهي ڇاڪاڻ ته بيروزگاري، محرومي ۽ مايوسي انتهاپسند پروپيگنڊا لاءِ ماحول پيدا ڪري سگهن ٿيون. بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي جي عوام کي پاڪستان جي قومي ڌارا ۾ مضبوط، باعزت ۽ برابر شراڪت ملڻ گهرجي رياست ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد مضبوط ٿيندو ته دهشتگرد تنظيمن لاءِ ماڻهن کي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ ڏکيو ٿيندو امن صرف بندوق سان نه پر انصاف، ترقي ۽ عوام جي اعتماد سان به قائم ٿيندو آهي

14 آگسٽ اسان کي اهو پڻ سيکاري ٿو ته پاڪستان ڪنهن هڪ طبقي، صوبي يا اداري جو ملڪ نه پر هر پاڪستاني جو گڏيل وطن آهي سنڌ، پنجاب، بلوچستان، خيبر پختونخواهه، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير سڀئي هن ملڪ جي وجود جو حصو آهن اسان جا علائقائي سياسي ۽ نظرياتي اختلاف پنهنجي جاءِ تي پر پاڪستان جي سلامتي ۽ خودمختياري تي اسان سڀني جو گڏيل مفاد آهي جڏهن اسين آزاديءَ جو جشن ملهائي رهيا آهيون، تڏهن اسان کي انهن شهيدن کي نه وسارڻ گهرجي جن دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ پنهنجون زندگيون قربان ڪيون انهن ۾ پاڪ فوج جا جوان، پوليس اهلڪار، ايف سي ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار ۽ بي گناهه شهري شامل آهن انهن جي قربانين سبب اڄ به ملڪ ۾ زندگيءَ جو ڦيٿو هلي رهيو آهي شهيدن جي خاندانن کي به قوم جي خاص سلام جو حق آهي ڪنهن سپاهيءَ جو شهادت ماڻڻ رڳو هڪ فوجي نقصان ناهي پر ان جي خاندان لاءِ سڄي زندگيءَ جو درد آهي انهن خاندانن جي قرباني به قومي تاريخ جو حصو آهي ۽ رياست ۽ سماج تي لازم آهي ته انهن جي عزت، تحفظ ۽ سهولتن کي يقيني بڻائي اڄ پاڪستان کي هڪ اهڙي قومي اتحاد جي ضرورت آهي جيڪو دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ نفرت جي سياست کي رد ڪري، اسان کي پنهنجي ادارن کي مضبوط، قانون جي حڪمراني کي يقيني ۽ نوجوان نسل کي تعليم ۽ ترقي جا موقعا فراهم ڪرڻا پوندا بلوچستان ۾ امن، ڪي پي ڪي ۾ امن ۽ ملڪ جي هر حصي ۾ امن ئي پاڪستان جي مضبوط مستقبل جي ضمانت آهي

پاڪستان جي آزادي هڪ عظيم نعمت آهي پر ان آزاديءَ جي حفاظت اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي پاڪ فوج ۽ ٻين سيڪيورٽي ادارن جا جوان سرحدن ۽ دهشتگردي خلاف محاذن تي قربانيون ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته عوام جو فرض آهي ته اتحاد، قانون پسندي ۽ قومي ذميواريءَ سان ملڪ کي اندر کان مضبوط ڪري. 14 آگسٽ تي اچو ته رڳو جهنڊا نه ڦڙڪايو پر اهو عزم به ڪريون ته شهيدن جي قربانين کي رائيگان وڃڻ نه ڏينداسين، دهشتگردي ۽ انتهاپسندي کي رد ڪنداسين، بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي سميت هر صوبي جي امن ۽ ترقيءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين ۽ پاڪستان کي اهڙو ملڪ بڻائينداسين، جتي هر شهري بنا خوف جي زندگي گذاري سگهي

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

ملڪ کي الڳ صوبن جي نه پر ايماندار حڪمرانن جي ضرورت آهي!

الڳ صوبن لاءِ هڪ طرف جوڙجڪ جون تياريون آهن ته ٻئي طرف سياسي سطح تي ملڪ لاءِ نئون سياسي بحران پيدا ڪيو ويو آهي، اڪثر ڪري سنڌ کي ٽوڙڻ ۽ وڌيڪ صوبا ناهڻ جهڙا اعلان پيا ٿين، انهن اعلان جي سنڌ جي ماڻهن پاران ڀرپور مزاحمت ڪئي پئي وڃي، سنڌ ۾ هر وفاقي حڪومت جو هميشه حصو رهندڙ ايم ڪيو ايم پاران وڏي پيماني تي الڳ صوبي لاءِ هلچل مچائي وئي آهي ۽ ڪين جلسن ۽ ميٽنگن ۾ وڏا وڏا اعلان ڪيا پيا وڃن ته اسان ايندڙ جشن آزادي کان پهرين آزاد هونداسين؟ ڇا واقعي ئي اهڙي پڪ ايم ڪيو ايم کي ملي چڪي آهي؟ اسان جي ملڪ جي سياست ۾ جڏهن به مسئلا وڌن ٿا، تڏهن بحث جو رخ اڪثر انتظامي ڍانچي، نون صوبن، علائقائي ورهاست ۽ سياسي طاقت جي نئين ترتيب ڏانهن موڙيو وڃي ٿو. ڪو چوي ٿو ته نوان صوبا ٺهڻ گهرجن، ڪو چوي ٿو ته وڌيڪ انتظامي يونٽ ناهڻ سان عوام جا مسئلا حل ٿيندا. پر سوال اهو آهي ته ڇا رڳو نقشي تي نيون لڪيرون ڪڍڻ سان عوام جي قسمت بدلجي ويندي؟ حقيقت اها آهي ته ملڪ کي سڀ کان وڌيڪ ضرورت ايماندار، باصلاحيت، جوابده ۽ عوام دوست حڪمرانن جي آهي. صوبن جا نالا، حدون ۽ انتظامي ڍانچا پنهنجي جاءِ تي اهم ٿي سگهن ٿا پر جيڪڏهن حڪمرانن ۾ نيت، ايمانداري ۽ خدمت جو جذبو نه هجي ته وڏو صوبو هجي يا ننڍو، نتيجو گهڻو مختلف نه ٿيندو. هڪ شهر کي ضلعي مان ڊويزن، ڊويزن مان صوبو ۽ صوبي مان نئين انتظامي يونٽ بڻائڻ سان ترقي پاڻمرادو پيدا نه ٿيندي. ترقي تڏهن ايندي، جڏهن حڪمران تعليم کي ترجيح ڏيندا، اسپتالن ۾ دوائون پهچنديون، پوليس قانون جي تابع هوندي، عدالتن ۾ انصاف بروقت ملندو سرڪاري نوڪريون ميرٽ تي ملنديون ۽ ٽيڪس جو پئسو عوام تي خرچ ٿيندو. سوال اهو آهي ته عام ماڻهوءَ جي زندگي ڪيتري تبديل ٿئي ٿي؟ جيڪڏهن حڪمران ايماندار، اهل ۽ جوابده هجن ته موجوده انتظامي ڍانچن ۾ به وڏيون تبديليون آڻي سگهجن ٿيون. **(محمد اسماعيل لانگاهه)**

ٽن ملڪن وچ ۾ دفاعي معاهدو

جويريه صديق

سعودي عرب، ترڪي ۽ پاڪستان هڪ ٻئي جي ڏک سک جا ساٿي آهن ٽئي مسلمان ملڪ آهن ۽ ڪشمير توڙي فلسطين جي معاملي تي سندن موقف به ساڳيو آهي دنيا ۾ سياسي توڙي معاشي حلقن ڪيئن به هجن اِهي ٽئي ملڪ هميشه هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل رهيا آهن گذريل ڏينهن مون پرڏيهه وڃڻ لاءِ جده مان ٽرانزٽ وارو رستو اختيار ڪيو. سعودي عرب جي قومي ايئرلائن ۾ سفر ڪرڻ ڏاڍو آرامده رهيو. سعودي عرب ۾ قانون تي سختيءَ سان عمل ٿيڻ سبب مون کي هيءُ ملڪ عورتن لاءِ تمام محفوظ لڳو هتي جا سخت قانون عورتن کي هراسان ڪرڻ ۽ ٺوڪي کان بچائين ٿا. جده ايئرپورٽ تي ٿوري دير ترسڻ دوران به مون کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي جده جو ايئرپورٽ تمام سهڻو ۽ جديد سهولتن سان ليس آهي دنيا جي مختلف ملڪن جا مشهور برانڊ به هتي موجود آهن جڏهن ته هتي جو کاڌو به تمام گهڻو لذيذ آهي ان ڪانسواءِ صفائيءَ جو به خاص خيال رکيو وڃي ٿو پر مون کي سڀ کان وڌيڪ خوشگوار حيرت اميگريشن واري هنڌ تي ٿي جڏهن مان جهاز مان لٿس ته منهنجي ذهن ۾ ڪيترائي خيال هلي رهيا هئا. ارشد شريف کانپوءِ پرڏيهه جو هيءُ منهنجو پهريون سفر هو مان ٿڪل قدمن سان اميگريشن ڪائونٽر ڏانهن وڃي رهي هيس ۽ سوچيندي رهيس ته خبر ناهي مون کان ڇا پڇندا، ڪيتري چڪاس ڪندا، جيڪڏهن منهنجي ڪا شيءِ گم ٿي وئي يا ڪائونٽر تي ڪا شيءِ وساري ڇڏيم ته ڇا ٿيندو؟ پر اتي موجود عملي منهنجي هٿ ۾ سائو پاسپورٽ ڏسي چيو: ’سسترا پاڪستان؟ توهان وڃي سگهو ٿا.‘ مون ٻيهر پڇيو ته ڇا مان وڃي سگهان ٿي؟ جواب مليو: ’ها، بلڪل.‘ مون کي ڏاڍي حيرت ٿي ته نه منهنجو ٿيلهو کولرايو ويو، نه بوٽ لاهڻ لاءِ چيو ويو ۽ نه ئي زيور لاهڻ لاءِ چيو ويو. عزت ۽ احترام سان مون کي لائونج ڏانهن وڃڻ لاءِ چيو ويو. ان ڳالهه تي مون کي خوشي به ٿي ۽ فخر به محسوس ٿيو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ لاڳاپا ڪيترا سٺا ۽ دوستاڻا آهن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اميگريشن جا عملدار پاڪستاني مسافرن کي وڏي خوشيءَ سان ڀليڪار ڪن ٿا ۽ پاڪستان کي امن چاهيندڙ ملڪ طور ڏسن ٿا.

آئون لائونج ۾ ويٺي سعودي مسافر جهازن کي ڏسندي رهيس رڳو سعودي ايئرلائن جا جهاز ئي لينڊ ۽ ٽيڪ آف نه ڪري رهيا هئا، پر دنيا جي ٻين وڏين پرڏيهي ايئرلائنز جا جهاز به مسافرن کي سندن منزلن تائين پهچائڻ ۾ مصروف نظر اچي رهيا هئا. اتي پي آءِ اي جو جهاز به نظر آيو. تازو سعودي عرب پنهنجي ٻي قومي ايئرلائن ’ايئر رياض‘ پڻ شروع ڪئي آهي. سعودي عرب جي معاشي ترقيءَ جو اندازو ان جي وسيع ۽ جديد ايئرپورٽ مان به لڳائي سگهجي ٿو، جتي پرڏيهي مسافرن جو وڏو رش نظر اچي رهيو هو هاڻي ڪيترائي ماڻهو دبئي بدران جده مان ٽرانزٽ وٺڻ کي ترجيح ڏين ٿا. سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان جي پاليسين سعودي عرب کي جديد رُخ ڏنو آهي. هاڻي سعودي عرب رڳو مذهبي مرڪز نه رهيو آهي پر معاشي، ثقافتي ۽ سفارتي سرگرمين جو به اهم مرڪز بڻجي رهيو آهي. سعودي عرب دنيا جي 19هين وڏي معيشت آهي. 2025ع ۾ ان جي مجموعي قومي پيداوار (GDP) لڳ ڀڳ 1277 ارب ڊالر هئي، جڏهن ته في ماڻهو آمدني تقريباً 33 هزار ڊالر ۽ ملڪ جي آبادي لڳ ڀڳ ساڍا ٽي ڪروڙ آهي. سعودي عرب دنيا ۾ تيل برآمد ڪندڙ سڀ کان وڏو ملڪ آهي ۽ ان جي معيشت جو وڏو دارومدار تيل ۽ گئس تي آهي. سعودي ڪمپني آرامڪو دنيا جي سڀ کان وڏي تيل ڪمپنين مان هڪ آهي. سعودي حڪمران ’وژن 2030ع‘ تحت ملڪ جي معيشت کي رڳو تيل تائين محدود رکڻ بدران سياحت، ٽيڪنالاجي ۽ صنعت ڏانهن به وٺي وڃڻ چاهين ٿا. سعودي عرب ۾ فٽبال ورلڊ ڪپ جي تياري به هلي رهي آهي ۽ 2034ع جو فيفا ورلڊ ڪپ سعودي عرب ۾ ٿيندو. ’وژن 2030ع‘ تحت سعودي عورتن کي به روزگار جي ميدان ۾ اڳتي آندو ويو آهي. هاڻي سعودي عرب جي ڪم ڪندڙ ماڻهن ۾ عورتن جو حصو لڳ ڀڳ 37 سيڪڙو ٿي ويو آهي. جيڪڏهن پاڪستان ۽ سعودي عرب جي لاڳاپن جي ڳالهه ڪجي ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ مذهبي، معاشي، سفارتي، ثقافتي ۽ دفاعي لاڳاپا 1947ع کان ئي تمام سٺا ۽ مضبوط رهيا آهن. هر سال لکين پاڪستاني حج ۽ عمري لاءِ سعودي عرب وڃن ٿا. ان ڪانسواءِ روزگار جي سلسلي ۾ به لکين پاڪستاني سعودي عرب ۾ رهندڙ آهن. پاڪستان کي سڀ کان وڌيڪ پرڏيهي ناڻو به سعودي عرب ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستانين جي موڪليل رقم مان ملي ٿو. سعودي ۽ پاڪستاني فوجون گڏجي دفاعي مشقن ۾ پڻ حصو وٺنديون رهن ٿيون. سعودي عرب پاڪستان کي رعايتي اگهن تي تيل به فراهم ڪندو رهيو آهي جڏهن ته مختلف وقتن تي پاڪستان کي مالي امداد ۽ قرض پڻ ڏيندو رهيو آهي.

جيڪڏهن اسين ترڪيءَ ڏانهن نظر وجهون ته اهو به پاڪستان جو هڪ تمام سٺو پروسي وارو دوست ملڪ آهي ترڪيءَ سان منهنجي خاص انسيت آهي ڇاڪاڻ ته مون اتي جي سرڪاري ميڊيا سان ڏهه سال ڪم ڪيو آهي ترڪيءَ جا ماڻهو پاڪستان سان تمام گهڻي محبت ڪن ٿا. ترڪيءَ جي اردو سروس به پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي دوستيءَ جو هڪ چٽو مثال آهي ترڪي پنهنجي دفاعي طاقت کي مضبوط ڪرڻ تي به تمام گهڻو ڌيان ڏئي ٿو. ترڪي ۽ پاڪستان جون فوجون گڏجي فوجي مشقون پڻ ڪنديون رهن ٿيون. ترڪي دنيا جي 17هين وڏي معيشت آهي ۽ ان جي آبادي 8 ڪروڙ 79 لک جي لڳ ڀڳ آهي. ترڪيءَ جي معيشت جو دارومدار سياحت، برآمدات، انڊسٽري ڪم ۽ زراعت تي آهي. بلاشڪ، مڪ معاهدو ڏکڻ ايشيا، اولهه ايشيا ۽ وچ اوڀر ۾ امن ۽ استحڪام آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. غزه جي صورتحال، روس ۽ يوڪرين جي جنگ، اسرائيل جي جنگي پاليسي، آبنائي هرمز جو مسئلو، ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگ، حوثين جا حملا، يمن جي صورتحال ۽ ايران جي جوابي ڪارروائين خطي جي صورتحال ئي تبديل ڪري ڇڏي آهي هڪ سوال اهو به آهي ته ڇا هن معاهدي سان ايران ۽ پاڪستان جي لاڳاپن تي ڪو اثر پوندو؟ منهنجو خيال آهي ته ائين نه ٿيندو پاڪستان جي ڪوشش هوندي ته رياض ۽ تهران وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽجي ۽ ايران سان پاڪستان جا لاڳاپا به متاثر نه ٿين پاڪستان جي ڪوشش سان ئي ايران ۽ آمريڪا ڳالهين جي ميز تي آيا آهن مڪ دفاعي معاهدي ۾ ايران کي به شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. ٽنهي ملڪن جي خواهش آهي ته اڳتي هلي هن معاهدي ۾ ٻين ملڪن کي به شامل ڪيو وڃي جيئن خطي ۾ امن، سلامتي ۽ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي

اجوڪو ڏينهن ـــــ 16 آگسٽ

بدرالدين ابڙو

بدرالدين ابڙو وارهه تعلقي جو مشهور سياستدان هو. هو 16 آگسٽ 1933ع تي موجوده قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ ڪنڌوءَ ۾ مولوي ولي محمد ابڙي جي گهر ۾ گل بڻجي ٽڙيو. هو سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. 1946ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پڻ پاس ڪيائين اڳتي هلي سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي سياسي ميدان ۾ پير پاتائين جنرل ايوب خان واري دور ۾ پاڻ بنيادي جمهوريت وارين چونڊن ڪٽي يونين ڪائونسل وارهه جو بنان مقابلي چيئرمين چونڊيو ويو. هن جا شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان ويجها لاڳاپا هئا ڀٽي صاحب وزيراعظم چونڊجڻ کان پوءِ ڪيس تعلقي وارهه جي زڪوات ۽ عشر جو چيئرمين مقرر ڪيو پرويز مشرف دور ۾ چونڊون کٽي تعلقي وارهه جو پهريون ناظم بڻجڻ جو اعزاز حاصل ڪيائين هن 6 اپريل 2017ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

ظهيرالدين بابر لغاري

ظهيرالدين بابر سنڌ جو مشهور شاگرد اڳواڻ سرگرم سياسي ڪارڪن ۽ سٺو ليکڪ هو هن جو جنم 16 آگسٽ 1947ع تي مسڻ وڏي ضلعي ٽنڊي الهيار جي مشهور ڳوٺ مسڻ وڏيءَ ۾ ٿيو. سندس والد مولانا محمد اسماعيل لغاري خلافت تحريڪ جو اڳواڻ ۽ پنهنجي تر جو وڏو عالم هو هن ننڍي هوندي کان ئي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ننڍپڻ ۾ ٻارن جي تنظيم ”سنڌ ماروئڙا اسٽوڊنٽ“ جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو بعد ۾ ”جيئي سنڌ شاگرد تنظيم“ جو بنياد رکيائين هن سنڌ خلاف هلندڙ هر تحريڪ ۾ نمايان حصو ورتو ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ووٽرلسٽون ناهڻ واري تحريڪ ۾ ڀرپور ڀرو ورتائين جنهن ڪري ڪيس ميانوالي ۽ سکر جيل ۾ بانڌي بڻايو ويو سنڌ زرعي ڪليج کي يونيورسٽي بڻائڻ واري تحريڪ ۾ به ڀرپور ڀرو ورتائين هو هڪ پلوڙ شاعر پڻ هو ۽ ”بابر بلوچ“ جي نالي سان شاعري ڪيائين هن جولاءِ 2020ع ۾ وفات ڪئي

غلام قادر پليجو

اڄ مشهور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ غلام قادر پليجي جي سالگره جو ڏينهن آهي هن 16 آگسٽ 1948ع تي جنگشاهي ضلعي ٺٽي ويجهو ڳوٺ منگر خان ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو هو جنگشاهيءَ ۽ ٺٽي جي اسڪولن ۾ پڙهيو ۽ سنڌ زرعي ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) ٽنڊو جام مان گريجوئيشن ڪيائين هن جي سڄي خاندان سنڌ جي سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي مشهور دانشور، وڪيل ۽ قوم پرست اڳواڻ مرحوم رسول بخش پليجو هن جو ڀاءُ هو هن جي گهرواري اختر بلوچ ون يونٽ خلاف هلندڙ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ انهيءَ جدوجهد دوران قيد ڪاٽيو سندس ڌيءَ سسئي پليجو سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ صوبائي وزير رهي چڪي آهي غلام قادر پليجو پاڻ به مشهور سياستدان رهي چڪو آهي هن پنهنجي ڀاءُ رسول بخش پليجي سان گڏ سياسي ميدان ۾ پير پاتو جنرل ضياءُ الحق واري مارشل لا دوران جيل جون سعوبتون برداشت ڪيائين 1992ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪيائين 1992ع ۽ 1997ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو پاڻ ٺٽي جي ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين رهي چڪو آهي هن ڪجهه دوستن سان گڏجي ”روزاني جاڳو اخبار“ شروع ڪئي جنهن جو شمار سنڌ جي مشهور اخبارن ۾ ٿئي ٿو

شمس جعفراڻي

اڄ مشهور ليکڪ ۽ انتظامي سربراهه شمس جعفراڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 16 آگسٽ 1949 تي تعلقي جاتي ضلعي سجاول جي ڳوٺ ارباب غلام هنگورجي ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو

هن جو پورو نالو شمس الحق ولد محمد جمن جعفراڻي آهي هن مئٽرڪ تائين تعليم سجاول مان حاصل ڪئي اعليٰ ثانوي تعليم ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين ۽ ايل ايل بي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات صحافت سان ڪئي پاڻ مختلف اخبارن جو رپورٽر رهيو ۽ ڪجهه عرصي تائين روزاني مهراڻ جي سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين اڳتي هلي اطلاعات کاتي ۾ انفارميشن آفيسر مقرر ٿيو ڪجهه عرصي تائين سنڌ جي وڏي وزير جو پروٽوڪول آفيسر پڻ رهيو سنڌ پبلڪ ڪميشن جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪيترن ئي اعليٰ انتظامي عهدن تي فائز رهيو جن ۾ مختلف ضلعن جو ڊپٽي ڪمشنر، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو چيئرمين، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو سيڪريٽري، ثقافت ۽ سياحت کاتي جو سيڪريٽري ۽ ٻيا عهدا شامل آهن 2009ع ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ثقافت کاتي ۾ ڪنسلٽنٽ طور خدمتون سرانجام ڏنائين سندس آتم ڪٿائون ”ڪتيم سپ ڄمار“ ۽ ”اندر جئين اُڏ“ نالن سان شايع ٿي چڪيون آهن

عبدالوهاب پيو عرف وهاب سنڌي

عبدالوهاب پيو مشهور قوم پرست اڳواڻ هو. سندس جنم 16 آگسٽ 1952ع تي حاجي سبزل خان پيي جي گهر تعلقي ڪنڌڪوٽ جي رئيس مبارڪ خان پيو ڳوٺ ۾ ٿيو هن پهريائين پرائمري اسڪول ۽ ان بعد هاءِ اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪئي عبدالوهاب پيو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو بنيادي ڪارڪن هو ۽ سڄي عمر انهيءَ تنظيم جو ساٿاري رهيو هو جيڪب آباد ۽ ڪنڌڪوٽ ضلعن ۾ جيئي سنڌ جي جلسن جو نامور ڪمپيئر هو ۽ پنهنجي زوردار تقريرن جي ڪري پڻ مشهور هو 1989ع ۾ جڏهن جي ايم سيد اتر سنڌ جو تاريخي دورو ڪيو ته عبدالوهاب انهيءَ دوري کي ڪامياب بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ٺوڙهي ڦاٽڪ واري واقعي ۾ جيڪي شاگرد گرفتار ٿيا هئا، عبدالوهاب پيو به انهن ۾ شامل هو جي ايم سيد جي وفات کان پوءِ هو جيئي سنڌ قومي محاذ (آريسر گروپ) جو ساٿاري رهيو هن 15 جون 1998ع تي وفات ڪئي

الطاف سومرو



الطاف سومرو ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو مشهور اداڪار هو هن اڄوڪي ڏينهن تي 1953ع ۾ حيدرآباد ۾ اکيون کوليون ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ۾ تعليم حاصل ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايل ايل بي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيائين هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات 1970ع ڌاري اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاريءَ سان ڪئي ستت ئي پوءِ سندس آواز ريڊيو جي لهرن وسيلي عوام تائين پهتو 1974ع ۾ ٽيليويزن تي متعارف ٿيو هن پاڪستان ٽيليويزن ۽ نجي ٽيليويزن جي سوين سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا هن ڪجهه ٽيليويزن ڊرامن ۾ هدايتڪاريءَ جا فرض پڻ سرانجام ڏنا تاريخ 15 نومبر 2018ع تي هن فاني دنيا جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو

جام تماچي انڙ

جام تماچي انڙ ضلعي شهيد بينظيرآباد جو نامور سياستدان، سماجي اڳواڻ ۽ سماٽ قبيلي جو سردار آهي سندس جنم 16 آگسٽ 1954ع تي دولت پور ضلعي شهيد بينظيرآباد ۾ ٿيو سندس والد سردار رسول بخش انڙ به پنهنجي علائقي جو وڏو زميندار ۽ سياستدان هو هن بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽

مختيار انڙ

1970ع ۾ ڪيس سرداريءَ جي پڳ ٻڌرائي وئي هن 1970ع واري ڏهاڪي کان پنهنجي سياسي ۽ سماجي سرگرمين جو آغاز ڪيو 1985ع ۾ پاڪستان جي سينيٽ جو ميمبر چونڊيو، ان کان پوءِ 1988ع، 2002ع ۽ 2008ع وارين چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هو ڪجهه عرصو سنڌ اسيمبليءَ جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽيءَ جو چيئرمين رهيو 1984ع ۽ 1996ع ۾ اقوام متحده ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ جو اعزاز پڻ حاصل ڪيائين



جهان آرا سومرو



اڄ مشهور ليکڪا جهان آرا سومرو جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌي ادبي دنيا ۾ ڪيس هڪ ڪهاڻيڪاره طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو هن جو جنم لاڙڪاڻي شهر ۾ غلام قادر سومري جي گهر ۾ ٿيو سندس والده بيگم غلام قادر سومرو به پنهنجي دور جي سٺي ليکڪا هئي هن ايم پي ايڊ ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ ايڊيوڪيشن آفيسر طور ذميداريون سنڀاليون هن جيڪا پهرين ڪهاڻي لکي تنهن جو عنوان هو ”مان جيڪر گل هجان ها“ ان کان پوءِ سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون مختلف ادبي رسالن جي سونهن بڻيون ان کان علاوه هن ڪجهه ناول پڻ لکيا آهن سندس ڪتابن ۾ ”جيڪر مان گل هجان ها“ (ڪهاڻيون)، ”جيون، پيڙا، پيار“ (ڪهاڻيون)، ”ماءُ منهنجو جنڊڙو“ (ڪهاڻيون)، ”سوغات“ (ناول)، ”مينهان ۽ نينهان“ (ٽي ناوليٽ) ۽ ”ڪڪر منجهه ڪپار“ (ناول) شامل آهن

احسان راهوجو

هن پلوڙ شاعر جو جنم 16 آگسٽ 1987ع تي نئين ديري ويجهو ڳوٺ پونيٽ پور ۾ ٿيو هن بي ڪام تائين تعليم حاصل ڪئي آهي ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو سندس شاعري سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن جي سونهن بڻجندي رهي ٿي

مير سردار چنڙ

مير سردار چنڙ نئين ٽهيءَ جو هڪ سٺو ليکڪ آهي هن جو جنم 16 آگسٽ 2001ع تي پاٽ شريف ضلعي دادو ۾ ٿيو هن علامه آءِ آءِ قاضي هاءِ اسڪول پاٽ شريف مان مئٽرڪ جو امتحان ۽ گورنمينٽ ڪليج ڦلجي اسٽيشن مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان گريجوئيشن ڪيائين يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هو سنڌي ادبي شاگرد سٿ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري رهيو ان کان علاوه سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي اسٽڊي سرڪل جو پڻ سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو هو سارنگ ادبي مخزن جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر رهيو آهي هن علي شيرازيءَ جو اردو ڪتاب ”سنو تم ستاري هو“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ”تون جڳ جاڳائيندي“ عنوان سان ڪيو آهي

صوفي ساجد سرشاري

هن نالي واري شاعر جو جنم 15 اپريل 1922ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن جو اصل نالو دوست محمد هو ۽ سندس والد جو نالو ولي محمد سمو هو سندس وڏا اصل ۾ ٺٽي جا رهواسي هئا هن قرآن، فارسيءَ ۽ سنڌيءَ جي تعليم پنهنجي شهر ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي هن خاڪسار تحريڪ ۾ ڀرپور ڀرو ورتو ۽ وطن جي آزاديءَ خاطر جدوجهد ڪندي ڇهه مهينا قيد به ڪاٽيو شعر ۽ شاعريءَ سان ننڍپڻ کان ئي لڳاءُ هئس شاعريءَ ۾ الله بخش سرشار عقيليءَ کان اصلاح وٺندو هو پنهنجي استاد جي احترام ۾ پاڻ کي سرشاري سڏائڻ شروع ڪيائين شاعريءَ ۾ ساجد تخلص استعمال ڪندو هو هن غزل، نظم، قطعي ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي هو مشاعرن جي محفلن ۽ ادبي گڏجاڻين ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو ۽ جميعت الشعراءِ سنڌ جو سرگرم ڪارڪن هو سندس شاعريءَ ۾ تصوف جا نڪتا نمايان نظر اچن ٿا پاڻ شهيد شاهه عنايت صوفيءَ جي درگاهه جو مريد هو، انڪري پاڻ کي صوفي به سڏائيندو هو سنڌ جي هن سرموڙ شاعر 16 آگسٽ 1996ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو سندس جسد خاڪيءَ کي جهوڪ شريف ۾ شاهه عنايت صوفيءَ جي مزار جي احاطي ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو

علامه عبدالواحد ڏاريجو

علامه عبدالواحد ڏاريجو اتر سنڌ جو مشهور ديني عالم، فارسي ٻوليءَ جو ماهر ۽ حاذق حڪيم هو هن 7 جولاءِ 1923ع تي پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس والد خدابخش خان پنهنجي دور جو مشهور حڪيم ۽ سکر ضلعي جو وڏو زميندار هو هن پنهنجي ترجي مدرسن ۾ ديني تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جا سبق پڙهيا ۽ گلوگاٽ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي بي اي، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون تهران يونيورسٽي ايران مان جديد فارسي ٻوليءَ جي سکيا پڻ ورتائين علامه عبدالواحد پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي ۽ بعد ۾ مهراڻ اورينٽل ڪاليج پني عاقل ۽ ايليمينٽري ڪاليج سکر ۾ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنائين جيتوڻيڪ هو هڪ وڏو زميندار هو پر ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي هاري تحريڪ ۾ هارين جي حقن جي حاصلات لاءِ گرانقدر ڪوششون ورتائين پنهنجي والد وانگيان هو هڪ مشهور حڪيم هو خاص طور تي هڏين جي بيمارين اعصابي ڪمزوري ۽ جنسي ڪمزوريءَ جي علاج ۾ مهارت حاصل هئس سندس تصنيفن ۾ ڪليات رند، قطعات رند ۽ سندس فارسي مخطوطات شامل آهن سنڌ جي هن گهڻرخي شخصيت 16 آگسٽ 1996ع تي اسان کان هميشه لاءِ موڪلايو

گنو سامتاڻي

گنو سامتاڻي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر هو هن جو جنم 14 جولاءِ 1933ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو اڃا 14 سالن جو مس هو جو ديس جو ورهاڱو ٿيو ۽ هو پنهنجي مائٽن سان گڏ ابائڻا ڪک ڇڏي هندستان لڏي ويو جتي ممبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين هن مهاراشٽر سرڪار جي مختلف سرڪاري ادارن ۾ نوڪري ڪئي ۽ ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي عهدي تان رٽائر ٿيو سرڪاري نوڪريءَ سان گڏ هن سنڌي ادبي دنيا ۾ به پنهنجي اڻمٽندڙ ڇاپ ڇڏي آهي هو هڪ مهان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار هو خاص طور تي هڪ ڪهاڻيڪار طور سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو ڪيس هندستان ۾ جديد ڪهاڻيءَ جو باني ڪوٺيو وڃي ٿو هن جي ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ ’اپراجتا‘ (ڪهاڻيون) ۽ ’ايمان ۽ واپسي‘ (ناول) شامل آهن سندس ادبي ڪارنامن کي مڃتا ڏيندي 1972ع ۾ ڪيس ساهتيه اڪيڊمي اوارڊ سان نوازيو ويو هن 16 آگسٽ 1997ع تي لاڏاڻو ڪيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات شهربانو بيواهه الهجڙيو جسڪاڻي ويٺل جسڪاڻي محلا اوڏيرو لعل اسٽيشن تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس گهرواري الهجڙيو جسڪاڻي ولد علي حيدر جسڪاڻي جيڪو پاڪستان ريلوي کاتي ۾ ميڪنيڪل هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 2026-03-09 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات شهربانو جسڪاڻي (بيواهه) (2) شاهنواز جسڪاڻي (پٽ) (3) شاهه جهان جسڪاڻي (پٽ) (4) شاهزيب جسڪاڻي(پٽ) (5) شاهمير جسڪاڻي (پٽ) (6) شاهزين جسڪاڻي (پٽ) (7) شاهزمان جسڪاڻي (8) گل بانو (ڌي) (9) حمير جسڪاڻي (ڌي) (10) طاهره جسڪاڻي (ڌي) (11) خديجه جسڪاڻي (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي خميسو ولد محمد هاشم جسڪاڻي ۽ غلام نبي ولد غلام حيدر جسڪاڻي جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي ماجد علي ولد خير محمد موروجو ويٺل ڳوٺ ابوبڪر موروجو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد خيرمحمد ولد حاجي موروجو جيڪو پوليس کاتي ۾ رٽائرڊ هيڊ ڪانسٽيبل ڊرائيور هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 2026-06-25 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي . (1) مسمات ممتاز موروجو (بيواهه) (2) نزاڪت علي موروجو (پٽ) (3) ماجد علي موروجو (پٽ) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي بچو موروجو ولد علي بخش ۽ شيراز احمد ولد شهمير موروجو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

عام ماڻهن کي اطلاع ڏجي ٿو ته رهائشي جڳهه واقع وارڊ نمبر 01 رند محلو جوهي ضلعو دادو سروي نمبر 1111/1 ايراضي 1 گهنٽو 12 آنا (1113 چورس فوٽ) جيڪا اياز حسين ولد سڪندر علي رند ۽ ضمير حسين ولد سڪندر علي خان رند جي ملڪيت آهي سا باهمي رضامندي سان ناديه زال علي نواز شناختي ڪارڊ نمبر 4120237684830 رهندڙ بي لو چانڊو شاهه آباد دادو کي وڪرو ڪري رهيا آهي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي مذڪوره ملڪيت جي خريد و فروخت بابت ڪو به اعتراض دعويٰ يا حق هجي ته هو هن اشتهار جي اشاعت کان 07 ڏينهن اندر ثبوتن سميت پنهنجو اعتراض پيش ڪري ٻي صورت ۾ مقرر مدي کان پوءِ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو شاهدين (1) ذيشان علي ولد جان محمد لنڊ شناختي ڪارڊ نمبر 4120189520905 (2) محمد اويس رضا ولد ظهير الدين عباسي شناختي ڪارڊ نمبر 4120199192903

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي جاويد اقبال ولد محمد اقبال ذات قائمخاني درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي مسمات نسيم اختر زال محمد اقبال تاريخ 2023-06-20 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي ديهه نمبر وارڊ نمبر B تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ نمبر / سروي نمبر C.S 496/A مان حصي موجب ايراضي 0-62 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه نمبر A-290 ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) جاويد اقبال (پٽ) (2) مسمات شان عظميٰ (3) مسمات ريحانه ڪوثر (ڌي) (4) محمد اقبال (مڙس) هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته انهي اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي

لاتعلقي جواظهار

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان پنهنجي پاڻ نالي نظير احمد ولد مير محمد سان اظهار لاتعلقي ڪري رهيا آهيون اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڏنگو فساد ڪندو ته ان جو ذميوار هو پاڻ هوندو ان جي ڪنهن به قول فعل سان اسان جو يا ٻين فيملي ميمبرن جو ڪو به تعلق نه رهندو

محمد حسن ولد ميرمحمد خاصخيلي شناختي ڪارڊ نمبر 4420465818157 بشير احمد ولد مير محمد خاصخيلي شناختي ڪارڊ نمبر 4420458492411 رهندڙ آٿيار ٽائون شهدادپور

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ميرپور خاص
(روبرو جناب مس صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر108 سال 2026

مسمات ثناء زال جاويد ڌيءِ لال محمد رهندڙ گهر نمبر 01 رحيم نگر ميرپورخاص. پلينٽف..بخلاف.. جاويد علي ولد نذر علي رهندڙ گهر نمبر 01 رحيم نگر ميرپورخاص. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-18 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ميرپور خاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات روزينا زال ماهيوال سينار رهندڙ وارڊ نمبر 03 ڪلهوڙا ڪالوني مورو ضلعو نوشهروفيروز. اپليڪينٽ ...بخلاف.. ماهيوال ولد خير محمد خان ذات سينار رهندڙ ڳوٺ مٺو زرداري تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز. اپوننٽس (1) اويس علي ولد ماهيوال خان عمر 14 سال. مائنر

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-18 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ماتلي
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي نيلا ڌيءِ ٻگهوان زال بالم ڪولهي رهندڙ ڳوٺ نبي بخش پنجابي تعلقو ماتلي ضلعوبدين ..پلينٽف ...بخلاف.. بالم ڪولهي ولد ارجن هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ پرويز لغاري تعلقوماتلي ضلعو بدين

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف جوڊيشنل سيپريشن رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز ،مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-18 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ماتلي

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته درخواست ڪندڙ راڻو محمد اسلم ولد محمد صديق ذات راجپوت رهندڙ وارڊ نمبر 03 نيو سعيد آباد تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري ديهه سعيد آباد ٽپو سعيد آباد سروي نمبر 598/229 مان حصي موجب ٽوٽل ايراضي 990 چورس فٽ ساک سان چوان ٿو ته مٿين پراپرٽي منهنجي ذاتي آهي مان جنرل پاور آف اٽارني آهيان جيڪا پراپرٽي منهنجي قبضي هيٺ آهي ۽ ڪنهن به اداري بينڪ يا ڪورٽ ۾ گروي ٿيل نه آهي ۽ ان جو وڪرو ٿيل نه آهي. آئون ان جو وڪرو ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن جي سيل سرٽفڪيٽ جي درخواست مون مختيارڪار آفيس تعلقه سعيد آباد ۾ ڏني آهي انهي سيل سرٽفڪيٽ تي ڪنهن جو به اعتراض آهي ته هن نوعيت جي عقات جي 13 يا 15 ڏينهن ۾ اسان جي آفيس مختيارڪار روينيو تعلقو سعيد آباد ۾ ڪاغذي ثبوتن سميت اعتراض داخل ڪري نه ته مٿيون معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قبول نه رهندو ۽ گهربل سرٽفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو سعيد آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو الهيار
(روبرو مس نيلم)
سمري سوٽ نمبر21 سال 2025

آفتاب احمد .. پلينٽف.بخلاف خدا بخش ولد رمضان ذات جروار رهندڙ ڳوٺ مصري جروار تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سمري سوٽ زير قلم 37 رول 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر114 سال 2026

(1) مسمات پارس زال نور مصطفيٰ رهندڙ ڳوٺ جمال خان نظاماڻي تعلقو ضلعو مٽياري (2) بيبي ماهنور مصطفيٰ ولد نور مصطفيٰ معرفت ماءُ .. پلينٽف.بخلاف نور مصطفيٰ ولد غلام مصطفيٰ رهندڙ ڳوٺ غلام محمد لغاري تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ميٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سڪسيشن سوٽ نمبر128 سال 2026

ممتاز علي ولد غلام مصطفيٰ پٺو رهندڙ ڳوٺ محمد بخش شورو قاسم آباد حيدرآباد. اپليڪينٽ...بخلاف.. (1) گل جان ڌيءِ ممتاز علي (2) امير حمزا علي ولد ممتاز علي (3) معظم علي ولد ممتاز علي رهندڙ محمد بخش شورو قاسم آباد حيدرآباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج.. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي بينظير پٺو ڌيءِ منظور حسين پٺو وفات جي تاريخ 2026-06-06 ايٽ حيدرآباد بحق قانوني وارثن جي پراپرٽي ۾ ميزان بينڪ صدر برانچ حيدرآباد جي اڪائونٽ نمبر 0016010110735392 رقم 2216928.12 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-18 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڪوٽ غلام محمد
گارڊين سوٽ نمبر07 سال 2026

لياقت علي ولد جماعت علي رهندڙ گهر 282 وارڊ نمبر 03 ميرواهه گورچاڻي تعلقو شجاع آباد ضلعو ميرپورخاص. اپليڪينٽ..بخلاف.. (1) رمضان بيبي زال اصغر علي (2) اشرف علي ولد محمد طفيل.اپوننٽس (1) محمد حسنين ولد لياقت علي عمر 09 سال تاريخ پيدائش 2017-02-01

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،17،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-18 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر278 سال 2026

مسمات فرزانه ڌيءِ عبدالحڪيم رهندڙ فوجي ڪالوني سانگهڙ روڊ نوابشاهه. پلينٽف..بخلاف.. محبوب ولد عبدالحميد مگسي رهندڙ ڳوٺ باقر مگسي تعلقو سڪرنڊ 03202110423. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-19 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر92 سال 2026

مسمات نور بيبي ڌيءِ ساگينداد رند رهندڙ ڳوٺ شير محمد رند تعلقو سڪرنڊ. پلينٽف..بخلاف.. بلاول ولد محمد رند رهندڙ شهيدڪالوني تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف Suit for Jactitation لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-17 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر87 سال 2026

مسمات رقيه ڌيءِ شهباز علي زال ماجد علي ذات ساريو ويٺل ڳوٺ جکرو .. پلينٽف..بخلاف.. ماجد علي ولد منظور علي ساريو ويٺل اصل جکرو ويجهو خانپور تعلقو ڪي اين شاهه. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-17 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات عزيزان بيواهه عبدالقادر ڪوسو ويٺل ڳوٺ يارمحمد ڪوسو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس گهرواري عبدالقادر ولد نصرالله ڪوسو جيڪو ايجوڪيشن کاتي ۾ چوڪيدار هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 2025-07-12 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات عزيزان ڪوسو (بيواهه) (2) نصرالله ڪوسو پٽ (3) فائزه ڪوسو (ڌي) (4) مسمات بانو ڪوسو (والده) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي رحمت الله صديق ڪوسو ۽ شريف ولد قيصرخان ڪوسو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي حق نواز ولد محمد صديق باريجو ويٺل ڳوٺ مٺو فقير باريجو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد محمد صديق ولد محمد علي باريجو جيڪو ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ ۾ رٽائرڊ مالهي هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 2025-11-09 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات حميرا باريجو (بيواهه) (2) شاهنواز (پٽ) (3) علي نواز (پٽ) (4) محمد علي (پٽ) (5) حق نواز (پٽ) (6) حڪيمان (نياڻي) (7) فريده (نياڻي) (8) حليمان (نياڻي) جڏهن ته اهڙي تصديق ٻن شاهدن هر هڪ نالي مولا بخش ولد نور محمد باريجو ۽ قربان علي ولد سائوڻ باريجو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

آئون نالي سجاد علي ولد غلام مرتضا نظاماڻي ويٺل مير محلا ٽنڊو محمد خان جيئن ته منهنجي نالي سان سٽي سروي نمبر 180. 7. 53,جنهنجي ڪل ايراضي 1820ء کاتي موجب 402 آهي جنهنجو آئون سيل سرٽيفڪيٽ ڪڍرائي رهيو آهيان اگر ڪنهن به مت مائٽ يا ڪوبه حصي دار پنهنجو حق سمجهي ته ست ڏينهن اندر ڪاغذن ثبوت سميت مون سان رابطو ڪري ٻي صورت ۾ ڪوبه اعتراض قابلي قبول نه هوندو.

سجاد علي نظاماڻي ولد غلام مرتضيٰ نظاماڻي مير محلا ٽنڊو محمد خان 41308 9256859 3

لاتعلقي جواظهار

آئون نالي لقمان علي ولد جمعون چانگ ويٺل مشترڪ ڪالوني ٽنڊو محمد خان جو سونهن ساک تي اقرار ڪري لکي ٿو ڏيان ته منهنجي نياڻي ارشاد بانو ڌيءِ لقمان علي جيڪا منهنجي بغير اجازت جي گهران نڪري وئي آهي جنهن سان هاڻ منهنجو هميشه جي لاءِ تعلقات ختم ڪريان ٿو ، منهنجي ڪنهن به ملڪيت ۾ حقدار نه رهندي ، اڄ کانپوءِ آئون پنهنجي ڌيءِ نالي ارشاد بانو کي هميشه جي لاءِ لادعويٰ ڪريان ٿو ، جيڪا 3 سال اڳ گهر مان نڪري وئي هئي ، منهنجو ۽ منهنجي گهر وارن جو ارشاد بانو سان ڪوبه تعلق نه آهي نه رهندو ، منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

لقمان علي ولد جمعون چانگ ويٺل مشترڪ ڪالوني ٽنڊو محمد خان ، قومي شناختي ڪارڊ نمبر 4130822265385

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ نمبر115 سال 2026

(1) مسمات ثمينه عرف سهڻي ڌيءِ محمد جمن زال علي حيدر رند رهندڙ وارڊ نمبر 01 رند سعيد آباد ضلعو مٽياري (2) بيبي عنابيه عمر 04 سال (3) بيبي دعا زهره عمر 07 مهينا ..پلينٽف..بخلاف.. علي حيدر ولد ميان بخش رهندڙ ڳوٺ ڏيڏو خان رند مقصودو رند ضلعو سانگهڙ .. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ميٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026 -08-22 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II هالا

* * *

اعتماد کي ڇيهو رسائڻ جي گنجائش ناهي، جيڪڏهن آزاد ڪشمير ۾ عوام کي نتيجا نه ڏنا ته ماڻهو ڪاوڙجي ويندا. هن چيو ته ماضي ۾ آزاد ڪشمير جي حڪومت عوامي اميدن تي پوري نه لهي سگهي. آزاد ڪشمير جي عوام جي ڀلائي بهترين ترجيح آهي جڏهن ته آزاد ڪشمير جا ماڻهو پنجاب ڏانهن واجهائي رهيا آهن

* * *

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف اين ڊي ايم اي کي لاڳاپيل صوبائي ادارن ۽ پي ڊي ايم اي سان اثرائتي رابطي ۽ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ عوام کي هر ممڪن امداد ۽ رليف فراهم ڪرڻ لاءِ دستياب وسيلا استعمال ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف سان اين ڊي ايم اي جي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ چنڇر تي هتي ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ طرفان جاري بيان مطابق وزيراعظم نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر ۾ اي آءِ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي ساراهيندي هدايت ڪئي ته ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ عوام کي هر ممڪن مداد ۽ رليف فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪيا ويندا. وزيراعظم اين ڊي ايم اي کي لاڳاپيل صوبائي ادارن ۽ پي ڊي ايم ايز سان اثرائتو رابطو رکڻ جي به هدايت ڪئي اين ڊي ايم اي جي چيئرمين وزيراعظم کي ملڪ جي موسمياتي صورتحال، خاص طور تي مون سون برساتن کي نظر ۾ رکندي ٻوڏ جي صورتحال بابت آگاهه ڪيو هن وزيراعظم کي ٻوڏ سبب متاثر علائقن ۾ سرگرمين ۽ متاثرن جي بحالي لاءِ کنيل قدمن کان به آگاهه ڪيو هن ٻڌايو ته وفاقي حڪومت جي سهڪار سان خيبرپختونخوا، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ اين ڊي ايم اي پاران ٻوڏ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروائيون جاري رهنديون

* * *

پڻ شامل آهن—کي 2026ع جي پاڪستان سول ايوارڊز لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي صدر مملڪت انهن 355 شخصيتن کي مختلف شعبن ۾ پاڪستان لاءِ سرانجام ڏنل خدمتن جي مڃتا طور نامزد ڪيو آهي ۽ نامزد ٿيل ماڻهن جي فهرست جاري ڪئي وئي آهي

* * *

هڪ ڳوٺ تي اسرائيل جي هوائي حملي ۾ 7 ماڻهو شهيد ٿي ويا. ميڊيا رپورٽن موجب اسرائيلي جهازن لبنان جي انصار نالي علائقي ۾ هڪ گهر کي نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ 7 ماڻهو شهيد ۽ 3 زخمي ٿي پيا. واضح رهي ته لبنان ۾ 2 مارچ کان جاري اسرائيلي حملن دوران 4 هزار 300 ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن

* * *

ٻڌائڻ لاءِ فيشل رڪگنيشن اٽينڊنس مانيٽرنگ اينڊ ايوليوشن سسٽم (FRAMES)جي نفاذ جون تياريون مڪمل ڪري ورتيون آهن

* * *

ويندا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مسلم ليگ (ن) هڪ ڀيرو ٻيهر تاريخي ڌانڌلي ذريعي خيراتي مينڊيٽ حاصل ڪيو آهي عوام 2024ع ۾ به مسلم ليگ (ن) کي رد ڪيو هو ۽ 2026ع ۾ به عوام پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي

* * *

علائقو قرار ڏيڻ جو اعلان ڪندو اهم ساموندي لنگهه بابت ٽرمپ جو اهو بيان ڇڪتاڻ ۾ واڌ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته آبناءِ هرمز مان عالمي تيل جي فراهمي جو وڏو حصو گذري ٿو ان کان اڳ واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ 6 مهينن کان جاري جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ڳالهين ۾ ڏکيائين دوران آمريڪي ناڻي واري وزير اسڪاٽ بيسنٽ چيو هو ته آمريڪا ايندڙ هفتي جي شروعات ۾ ايران خلاف اهڙيون سخت پابنديون ۽ قدم لاڳو ڪندو جيڪي ان کان اڳ ڪڏهن به نه ڏٺا ويا آهن

* * *

سياستدان پنهنجون ذميواريون نڀائيندي نون صوبن جي "اونرشپ" وٺن پنهنجي "وڏيرپ" بچائڻ بدران عوام جي مسئلن بابت سوچڻ پوندو پنهنجي بيان ۾ عبدالعليم خان چيو ته عوام سڄي ملڪ ۾ انتظامي بنيادن تي نون صوبن جي قيام چاهي ٿي جڏهن ته خيبرپختونخوا اسيمبلي ۾ 2010ع کان هزارا صوبي لاءِ آواز اٿاريا پيا وڃن. هن چيو ته خوشي آهي ته خيبرپختونخوا جون اهم سياسي پارٽيون هزارا صوبو ٺاهڻ جون خواهشمند آهن. استحڪام پاڪستان پارٽي پڻ هزارا صوبي جي مطالبي جي حمايت ڪري ٿي. وفاقي وزير چيو ته پنجاب ۽ سنڌ ۾ پڻ نون صوبن لاءِ آواز اٿاريا پيا وڃن جڏهن ته هو ڏکڻ پنجاب ۽ بهاولپور صوبي جي قيام جو حامي آهي عبدالعليم خان جو چوڻ هو ته اهو قومي مسئلو آهي نون صوبن کي مصلحت يا سياست جي ور چڙهڻ نه گهرجي، جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته چئني صوبن کي چار چار انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ ۾ ڪو حرج ناهي هن چيو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته موجوده حالتون سڄي ملڪ ۾ نئين "ورڪنگ آرڊر" جون گهرجائو آهن. هن وڌيڪ چيو ته استحڪام پاڪستان پارٽي هر فورم تي نون صوبن جي قيام لاءِ آواز اٿاريندي رهندي، سياستدان پنهنجون ذميواريون نڀائيندي نون صوبن جي "اونرشپ" وٺن ۽ پنهنجي "وڏيرپ" بچائڻ بدران عوام جي مسئلن بابت سوچين

* * *

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن مطابق ڪيٽي بندر جي ترقي لاءِ هڪ جامع پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تيار ڪري، وزيراعلي هائوس ۾ انويسٽمينٽ ڊپارٽمينٽ جي اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير چيو ته ڪيٽي بندر کي هڪ جديد گهري سمنڊ جي پورٽ ۽ هڪ مربوط اقتصادي ڪوريڊور تي ٻڌل وڏي پيماني تي بحري ۽ اقتصادي ترقي جي منصوبي ۾ تبديل ڪيو وڃي

* * *

گرم ۽ گهميل رهندي جڏهن ته ڪشمير اتر اوڀر پنجاب، اسلام آباد، پوٺوهار، مٿانهين خيبرپختونخوا ۽ گلگت بلتستان ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان ڪجهه هنڌن تي برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب موجوده صورتحال کي نظر ۾ رکندي عربي سمنڊ سان گهميل هوائون ملڪ جي مٿانهين وارن علائقن ۾ داخل ٿي رهيون آهن اولهه جي هوائن جو هڪ سلسلو به ملڪ جي اتر اولهه حصن تي اثر انداز ٿي رهيو آهي گذريل 24 ڪلاڪن دوران اتر اوڀر پنجاب، مٿانهين خيبرپختونخوا اتر اوڀر بلوچستان، گلگت بلتستان ۽ ڪشمير ۾ ڪجهه هنڌن تي تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات ٿي، ملڪ جي ٻين ملڪن ۾ موسم گرم ۽ جهڙالي رهي

* * *

گڏيل قومن جي تجزياتي معاونت ۽ پابندين جي نگراني ڪندڙ ٽيم جي رپورٽن ۾ چيو ويو آهي ته افغانستان اڄ به هڪ مستقل ۽ ڏکيو خطرو آهي هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن پاڪستان خطي ۽ پوري دنيا ۾ امن جي قيام لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي افغان طالبان پارٽي حڪومت جي سهڪار سان پنهنجي گڏيل پراڪسيز ذريعي پاڪستان ۾ دهشتگردي کي هٿي ڏيڻ ۾ مصروف آهي ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ مرتضيٰ سولنگي چيو ته 5 سال اڳ اڄوڪي ڏينهن آمريڪا سان دوحه معاهدي تحت اقتدار ۾ آيل طالبان حڪومت هڪ نمائندہ حڪومت قائم ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو ته هو ڇوڪرين ۽ عورتن خلاف پنهنجي اڳوڻي جارحاڻي پاليسي کي ٻيهر نه ورجائيندا ۽ اهو به وچن ڪيو هو ته افغان سرزمين کي دهشتگردي يا منشيات جي واپار لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏيندا، جهڙوڪ 2001ع ۾ انهن جي حڪومت جي خاتمي تائين ٿيندو رهيو هو. پر اڄ تائين هو پنهنجي سمورن واعدن کان ڦري چڪا آهن هن چيو ته گذريل 5 سالن دوران گڏيل قومن جي تجزياتي معاونت ۽ پابندي جي نگراني ڪندڙ ٽيم جي رپورٽن ۾ چيو ويو آهي ته افغانستان اڄ به هڪ مستقل ۽ ڏکيو خطرو آهي هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن پاڪستان خطي ۽ پوري دنيا ۾ امن لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي افغان طالبان حڪومت ڀارت سان تعاون ذريعي پنهنجي گڏيل پراڪسيز تحت پاڪستان ۾ دهشتگردي کي هٿي ڏيڻ ۾ مصروف آهي هن چيو ته حڪومت پنهنجي نسلي ۽ مذهبي اقليتن خلاف ڏوهه ڪري رهي آهي ٻين پاڙيسري ملڪن ۾ به دهشتگردي کي هٿي ڏئي رهي آهي ۽ سڄي دنيا ۾ منشيات جي واپار کي به وڌائي رهي آهي هن چيو ته طالبان کي ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهن هو پنهنجي انهن پاليسين کي جاري رکن ٿا ته سندن انجام 2001ع جي اڳوڻي حڪومت جي انجام کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿو

* * *

آپريشن ڪيو جتي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران 10 دهشتگرد مارجي ويا ۽ ڪيترائي ٻيا زخمي ٿي پيا. سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته فورسز "فتنة الهند" گروپ جي موجودگي جي منهن ڏيڻ لاءِ شور پارود جبلن واري سلسلي ۾ اهو آپريشن شروع ڪيو ان مشن دوران فورسز دهشتگردن جي مختلف ٺڪاڻن کي گهيري ۾ ورتو ۽ هڪ اثرائتو آپريشن ڪيو سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته دهشتگرد ان علائقي ۾ ڪن ننڍن گروهن جي صورت ۾ موجود هئا. ان دوران سخت فائرنگ جو تبادلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 10 دهشتگرد مارجي ويا ۽ ڪيترائي ٻيا زخمي ٿي پيا. سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته آپريشن کانپوءِ سيڪيورٽي فورسز علائقي ۾ ڳولا ۽ صفائيءَ جي ڪارروائين کي تيز ڪري ڇڏيو آهي ۽ فرار ٿيندڙ دهشتگردن جي ڳولا پڻ شروع ڪري ڏني آهي. سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو آهي انهن ان ڳالهه جي پڪ ڏياري آهي ته آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين اها ڪارروائي جاري رهندي ۽ دهشتگرد عنصرن کي منطقي انجام تائين پهچائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا

* * *

فوج جي جنرل اسٽاف جي گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا بابت ڪميٽي جي سربراهه دعويٰ ڪئي آهي ته ٽي ايراني پائلٽ قطر ۾ قيد آهن، جڏهن ته هنن ريڊ ڪراس جي عالمي ڪميٽي کان سندن صورتحال واضح ڪرڻ ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي ايراني ميڊيا موجب، برگيڊيئر جنرل محمد باقر زادا ريڊ ڪراس جي عالمي ڪميٽي جي صدر ماريانا سپولياريڪ ڏانهن لکيل خط ۾ چيو آهي ته ٻه ايس يو-24 جنگي جهاز 2 مارچ 2026ع تي قطر ۾ موجود هڪ "دشمن فوجي اڏي" کي نشانو بڻائڻ لاءِ مشن تي روانا ٿيا هئا. سندس چوڻ هو ته مشن مڪمل ڪرڻ کانپوءِ واپسي دوران جهازن کي دشمن جي ڪارروائي کي منهن ڏيڻو پيو جنهن جي نتيجي ۾ چار ايراني پائلٽ متاثر ٿيا. خط جي متن موجب، چئن پائلٽن مان هڪ ماجد ڪاظمي جو مڙهه بعد ۾ ايران منتقل ڪيو ويو ۽ کيس 29 آگسٽ تي شيراز ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. برگيڊيئر جنرل باقر زادا دعويٰ ڪئي ته باقي ٽن پائلٽن جواد صالحي، عبدالمجيد دشتيان ۽ عمران بهروشيان کي قطري فوج زنده گرفتار ڪيو هو واضح رهي ته ان کان اڳ به ايراني اختيارين ۽ سرڪاري ميڊيا ڄاڻايل ٽنهي پائلٽن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ڪوشش جو ذڪر ڪندا رهيا آهن پر انهن بابت ڪا حتمي ڄاڻ سامهون نه اچي سگهي آهي پنهنجي خط ۾ برگيڊيئر جنرل باقر زادا الزام لڳايو ته ڇهه مهينا گذرڻ باوجود قطر سندن قيدين جي بنيادي حقن جو احترام ناهي ڪيو سندس چوڻ هو ته اهو رويو جنگي قيدين بابت جنيوا ڪنوينشنز ۽ ٻين عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي جي برابر آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪيترين ئي سفارتي ڪوششن باوجود نه ته قيدين جي گهروارين کي ساڻن ملاقات جي اجازت ڏني وئي آهي ۽ نه ئي سندن حالت بابت ڪا باضابطا ڄاڻ فراهم ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي ايراني فوج ان اڳ دعويٰ ڪري چڪي آهي ته شيراز جي شهيد دوران ايئر بيس تان اڏام ڀريندڙ پائلٽن قطر ۾ موجود هڪ آمريڪي فوجي اڏي کي "وڏو نقصان" پهچايو هو ۽ مشن تان واپسي دوران سندن جهازن کي نشانو بڻايو ويو

* * *

نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان ۽ وڏي انگ ۾ ٿيل تباهي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي چنڇر ڏينهن ايڪس تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته کيس ان تباهي سان دلي ڏک پهتو آهي وزيراعظم پاڪستان جي عوام ۽ حڪومت طرفان انڊونيشيا جي صدر ابوو سوبيانتو ۽ انڊونيشيا جي عوام ۽ ڏکويل ڪٽنبن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته اسان جون دعائون ۽ همدرديون ان سانحي سبب متاثر ماڻهن سان گڏ آهن ۽ اسان زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون وزيراعظم چيو ته پاڪستان ڀائر ملڪ انڊونيشيا جي عوام سان گڏ بيٺل آهي ۽ هن ڏکي وقت کي منهن ڏيندڙ سمورن ماڻهن لاءِ اسان جون نيڪ خواهشون آهن

* * *

يونان ۾ ننڍي ٻيڙي اونڌي ٿيڻ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا فوت ۽ 3 گم ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق هوانگ ڪائونٽي جي حڪومت ٻڌايو آهي ته اهو حادثو اربع جي شام اٽڪل 6 وڳي هوانگ ڪائونٽي ۾ نان پن دريا تي پيش آيو جڏهن ٻيڙي ۾ سوار 6 ڄڻا پاڻي ۾ ڪري پيا. ڪائونٽي حڪومت مطابق هڪ شخص کي بچايو ويو جڏهن ته 5 ڄڻا گم ٿي ويا هئا. چنڇر جي صبح گم ٿيل 5 ماڻهن مان 2 کي ڳوليو ويو ۽ کين مئل قرار ڏنو ويو جڏهن ته ٻين گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا جاري آهي مقامي اختيارين حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

* * *

ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پاران آزادي ڏهاڙي تي پاڪ فوج جي اڳوڻن فوجين جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، فيلڊ مارشل عاصم منير طرفان ڏنل آجياڻي ۾ اڳوڻن فوجي سربراهن سميت وڏي انگ ۾ رٽائرڊ فوجي آفيسرن ۽ جوانن شرڪت ڪئي آءِ ايس پي آر موجب، فيلڊ مارشل عاصم منير ملڪ جي بچاءُ لاءِ اڳوڻن فوجين جي خدمتن ۽ ڪردار کي ڀيٽا پيش ڪئي جڏهن ته قومي استقامت مضبوط بڻائڻ ۾ اڳوڻن فوجين جي ڪردار کي پڻ ساراهيو آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته پيچيده سيڪيورٽي ماحول کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳوڻن فوجين جو تجربو ۽ رهنمائي قيمتي اداراتي اثاثو آهي. اڳوڻن فوجين پاڪ فوج جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪندي ڪر کڻندڙ سيڪيورٽي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ فوج سان پنهنجي مسلسل حمايت جو عزم ورجايو اڳوڻن فوجين قومي اتحاد، امن ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکڻ جي عزم جو پڻ اظهار ڪيو

* * *

آصف علي زرداري وزيراعظم محمد شهباز شريف جي سفارش تي پاڪستان علماء ڪائونسل جي چيئرمين ۽ انٽرنيشنل تعظيم حرمين شريفين ڪائونسل جي سيڪريٽري جنرل حافظ محمد طاهر محمود اشرفي جي تمغه امتياز لاءِ نامزدگي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي نامزدگي ۾ حافظ محمد طاهر محمود اشرفي جي اسلامي مسلم دنيا ۽ پاڪستان لاءِ خدمتن سان گڏوگڏ بين المذاهب هم آهنگي مذهبي ڳالهين ۽ عالمي امن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سندس ڪوششن جو اعتراف ڪيو ويو آهي پاڪستان علماء ڪائونسل موجب حافظ محمد طاهر محمود اشرفي جي مختلف مذهبي فرقن ۽ برادرين وچ ۾ امن اتحاد ۽ افهام و تفهيم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن کي عالمي سطح تي به پذيرائي ملي آهي ڪائونسل چيو ته 57 اسلامي ملڪن جي نمائندگي ڪندڙ اسلامي تعاون تنظيم ان کان اڳ حافظ محمد طاهر محمود اشرفي کي امن ۽ هم آهنگي لاءِ سندس خدمتن جي اعتراف ۾ گلوبل پيس ايوارڊ سان به نوازيو هو پاڪستان علماء ڪائونسل نامزدگي تي صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ٿورن جو اظهار ڪندي ان کي مذهبي هم آهنگي قومي اتحاد ۽ امن لاءِ سندس مسلسل ڪوششن جو اعتراف قرار ڏنو ڪائونسل چيو ته اهو اعزاز بين المذاهب افهام و تفهيم کي مضبوط بڻائڻ مسلمان امت اندر اتحاد کي هٿي ڏيڻ ۽ قومي علائقائي ۽ عالمي سطح تي امن ۽ استحڪام ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش کي وڌيڪ حوصلا افزائي ڪندو

* * *

ڪميشن نئين دهلي ۾ پاڪستان جو 79 هون يوم آزادي روايتي جوش جذبي ۽ شاندار طريقي سان ملهايو ويو ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڀارت ۾ پاڪستان جي ناظم الامور سعد احمد وڙائچ منعقد تقريب ۾ قومي جهنڊو لهرايو تقريب ۾ پاڪستان هاءِ ڪميشن جي ميمبرن ۽ سندن گهر ڀاتين شرڪت ڪئي تقريب دوران صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار جا پيغام پڻ پڙهي ٻڌايا ويا. ان موقعي تي ناظم الامور سعد احمد وڙائچ چيو ته حق جي ويڙهه پاڪستان جي خودمختياري ۽ عوام جي وقار جو تحفظ ۽ بقا لاءِ اسان جي پختي عزم جو ثبوت آهي آزادي قدرت جو هڪ انمول تحفو آهي، نئين دهلي ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندي اهو احساس وڌيڪ گهرو ٿي وڃي ٿو وطن جي حفاظت لاءِ جان جو نذرانو پيش ڪندڙ عظيم شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي هن ملڪ جي دفاع لاءِ پاڪ فوج جي ڪردار جي تعريف ڪئي هن وڌيڪ چيو ته ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن جي قيام جو دارومدار جمون ڪشمير تڪرار کي گڏيل قومن جي ٺهراءُن موجب ۽ ڪشميري عوام جي خواهش موجب حل تي آهي والاريل جمون ڪشمير جي آزادي لاءِ اسان پنهنجي ڪشميري ڀائرن سان گڏ آهيون تقريب ۾ روايتي لباس پاتل ٻارڙن ملي نغما ۽ تقريرون پڻ ڪيون جن ۾ پاڪستان جي قيام لاءِ تاريخي جدوجهد کي اجاگر ڪيو ويو ان موقعي تي ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو

* * *

منعقد ڪيو ويو وزارت پاران جاري ڪيل بيان موجب اجلاس ۾ ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، وفاقي سيڪريٽري هائوسنگ اينڊ ورڪس ڪيپٽن (ر) محمود سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي بيان مطابق حڪومت صنعت جي مڪمل بحالي جي وسيع ويزن تحت تعميراتي صنعت لاءِ هڪ جامع ڊولپمينٽ پيڪيج تي غور ڪري رهي آهي جنهن ۾ ڪنسٽرڪشن انڊسٽري ڊولپمينٽ بورڊ (سي آءِ ڊي بي) جو قيام، مخصوص ڪنسٽرڪشن ڊولپمينٽ بينڪ (سي ڊي بي اي) جي فائدن جو جائزو، برآمدي ۽ درآمدي پاليسين کي معقول بڻائڻ ۽ تعميراتي شعبي لاءِ هدف ڪيل ٽيڪس سڌارا شامل آهن اجلاس دوران وفاقي وزير ان ڳالهه تي زور ڀريو ته سي آءِ ڊي بي 2 ڪردار ادا ڪندو جنهن ۾ تعميراتي شعبي جي گڏيل ترقي ۽ انڊسٽري جا معيار ٺيڪيدارن ۽ ڪنسلٽنٽس جي نگراني شامل آهن سرڪاري ۽ خانگي شعبن جي نمائندن تي مشتمل اهو بورڊ قومي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل پليٽفارم طور ڪم ڪندو وفاقي وزير نشاندهي ڪئي ته ان اداري جي ضرورت تي وفاقي حڪومت ۽ ڪنسٽرڪشن ايسوسيئيشن آف پاڪستان وچ ۾ مڪمل اتفاق راءِ موجود آهي ۽ وفاقي حڪومت حتمي منظوري لاءِ هڪ فريم ورڪ باضابطا طور تي وزيراعظم کي پيش ڪندي وفاقي وزير اعلان ڪيو ته حڪومت سرڪاري ترقياتي منصوبن لاءِ معياري ڊفيڪٽ لائبلٽي پيريڊ (ڊي ايل پي) جو مدو هڪ سال مان وڌائي ٻه سال ڪيو آهي جڏهن ته مستقبل ۾ ان کي وڌيڪ پنجن سالن تائين وڌائڻ جو واضح روڊ ميپ پڻ موجود آهي هن ان ڳالهه تي زور ڀريو ته ان جو مدو وڌائڻ سان ٺيڪيدار ۽ انتظامي ادارا اعلي معيار برقرار رکڻ ۽ وقت کان اڳ خرابين کي روڪڻ تي مجبور ٿيندا وفاقي وزير احد چيمه ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته حڪومت جو بنيادي ڌيان ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ آهي ته هر عوامي انفراسٽرڪچر جو منصوبو خرچ جي لحاظ کان اثرائتو ۽ انتهائي پائيدار آهي هن چيو ته عوامي فنڊز قومي امانت آهي جن کي ناقص ڪارڪردگي يا غلط ٽيڪنيڪل ڊيزائن جي ڪري ضايع ٿيڻ نه ڏنو ويندو

* * *

هڙتال اڻين ڏينهن به جاري آهي، جنهن جي ڪري سامان جي ترسيل، درآمد ۽ برآمد سامان ۽ ملڪ گير ڪنٽينرن جي حرڪت سخت متاثر ٿي رهي آهي گڏز ٽرانسپورٽرن جو چوڻ آهي ته روزانو 10 هزار ڪنٽينر بندرگاهن تان نڪرن ٿا، جڏهن ته هڙتال سبب ڪنٽينرن جي ترسيل بند ٿي وئي آهي. ٽرانسپورٽرن جو چوڻ آهي ته هڙتال سبب ملڪ جي معيشت کي هاڻي تائين 50 ارب روپين کان وڌيڪ جو نقصان پهتو آهي جڏهن ته مواصلات واري وزارت، ناڻي واري وزارت ۽ پيٽروليم واري وزارت سان مطالبن تي ڪا به اڳڀرائي نه ٿي آهي گڏز ٽرانسپورٽرن جي اڳواڻ ملڪ شهزاد اعوان موجب وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن سان مطالبن تي ڊيڊ لاڪ برقرار آهي ٻئي طرف ايف پي سي سي آءِ جي صدر عاطف اڪرام حڪومت ۽ ٽرانسپورٽرن سان فوري طور تي ڳالهيون ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته جيڪڏهن ملڪ جي معاشي ڦيٿي کي هلائڻو آهي ته ٽرانسپورٽرن جا ڦيٿا به فوري طور تي چالو ڪرڻ گهرجن عاطف اڪرام چيو ته ٽرانسپورٽرن جي هڙتال سبب بندرگاهن تي مال برداري تقريبن بند ٿي وئي آهي. جنهن جي ڪري درآمد ٿيل سامان جو وڏو مقدار ڦاسي پيو آهي هن چيو ته هڙتال صنعتن جي ڦيٿي کي سست ڪري ڇڏيو آهي ۽ خام مال جي سخت کوٽ پيدا ڪئي آهي، جڏهن ته بندرگاهن تي ڦاسي پيا ڪنٽينرن جي ڪري ڊيمريج ۽ ڊيٽينشن چارجز جو اضافي بار به وڌي رهيو آهي. ايف پي سي سي آءِ جي صدر چيو ته بندرگاهن تي ڦاسي پيل سامان، صنعتن ۾ خام مال جي کوٽ ۽ برآمدات لاءِ خطرا ملڪ جي معيشت لاءِ پريشان ڪندڙ صورتحال آهن هن چيو ته ٽرانسپورٽرن جو بحران صرف روڊن تائين محدود ناهي پر ان جا اثر پوري سپلائي چين کي متاثر ڪري رهيا آهن عاطف اڪرام حڪومت ۽ ٽرانسپورٽرن تي زور ڏنو ته وڌيڪ دير معيشت لاءِ تباهه ڪندڙ ثابت ٿي سگهي ٿي، هڙتال کان متاثر ٿيندڙ واپارين کي مالي امداد فراهم ڪئي وڃي ۽ بندرگاهن تي ڦاٿل ڪنٽينرز لاءِ ڊيمريج ۽ ڊيٽينشن چارجز معاف ڪيا وڃن

* * *

آپريشن دوران ناليواري جبل چاڙهو سهيل سخي جي ميت ريسڪيو ڪري ورتي آهي سهيل سخي جي ميت کي آرمي ايوي ايشن جي هيلي ڪاپٽر ذريعي براڊ پيڪ کان اسڪردو سي ايم ايڇ منتقل ڪيو ويو آهي براڊ پيڪ جي حادثي ۾ مجموعي طور 10 جبل چاڙهو گم ٿيا، جن مان 9 پرڏيهي ۽ هڪ پاڪستاني جبل چاڙهو شامل هو. حادثي ۾ گم ٿي ويل 10 مان 7 جبل چاڙهوئن جون ميتيون اڳ ئي مختلف ملڪن ڏانهن روانيون ڪيون ويون آهن گم ٿيل پاڪستاني جبل چاڙهو سهيل سخي جو تعلق هنزه گلگت بلتستان سان هو

* * *

واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب کي سندس شاندار عوامي خدمتن جي اعتراف ۾ پاڪستان جي اعليٰ ترين سول اعزاز "نشان امتياز" سان نوازيو ويندو. ناڻي واري وزارت طرفان چنڇر ڏينهن جاري ڪيل پڌرائي موجب اهو قومي اعزاز پاڪستان جي معاشي سڌارن جي سفر ۾ سندس قيادت ۽ حصيداري کي ميڪرو اڪنامڪ استحڪام کي مضبوط بڻائڻ اعتماد جي بحالي ۽ وڌيڪ مضبوط لچڪدار ۽ خوشحال پاڪستان لاءِ سڌارن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوششن جو اعتراف آهي ايوارڊ جو اعلان 14 آگسٽ 2026ع تي ڪيو ويو ۽ هي يوم پاڪستان جي موقعي تي 23 مارچ 2027ع تي منعقد ٿيندڙ تقريب ۾ سينيٽر محمد اورنگزيب کي ڏنو ويندو

* * *

ٽوشيميٽوموتيگي 17 آگسٽ کان سعودي عرب ۽ عمان جو سرڪاري دورو ڪندو جيڪو 22 آگسٽ تائين جاري رهندو. پرڏيهي ميڊيا مطابق پرڏيهي وزارت ٻڌايو ته جاپان جو پرڏيهي وزير وچ اوڀر جي تازي صورتحال کي نظر ۾ رکندي پنهنجي سعودي هم منصب شهزاده فيصل بن فرحان سميت اهم حڪومتي عهديدارن سان ملاقاتون ڪندو جاپان جو پرڏيهي وزير يمن جي صدارتي ڪائونسل جي چيئرمين رشاد محمد العليمي سان به ملاقات ڪندو جيڪو هن وقت سعودي عرب ۾ آهي انهن ملاقاتن جو مقصد علائقائي ڇڪتاڻ کي فوري طور تي گهٽائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪرڻ آبنائي هرمز ۽ باب المندب ذريعي آزاد ۽ محفوظ جهاز راني کي يقيني بڻائڻ آهي جاپان جي پرڏيهي وزير جي دوري دوران مختلف شعبن ۾ ٻه طرفا لاڳاپن تي ڳالهه ٻولهه به متوقع آهي

* * *

ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو. چيپا ايمبولينس جي ذريعن موجب مارجي ويل ملزم جو لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي مارجي ويل مبينا ملزم جي سڃاڻپ شبير ولد معروف جي نالي سان ٿي آهي پوليس موجب مقابلي ڪانپوءِ مارجي ويل جوابدار وٽان هڪ پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون جڏهن ته سندس لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو هوڏانهن لانڍي پينس ڪالوني روڊ نمبر 12 پيران ڳوٺ ۾ پڻ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو ايڌي ذريعن موجب زخمي جوابدار جي سڃاڻپ 32 ورهين جي سلامت ولد امجد طور ٿي آهي، جنهن کي ايڌي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

* * *

۽ ڪشمير تي ڀارت جي غير قانوني قبضي خلاف احتجاج آهي ڪشمير ميڊيا سروس موجب ڀارت جي يوم آزادي کي ڪاري ڏينهن طور ملهائڻ جو سڏ ڪل جماعتي حريت ڪانفرنس ڏنو هو جڏهن ته سمورن آزادي پسند اڳواڻن ان جي حمايت ڪئي سڄي دنيا ۾ رهندڙ ڪشميري ڀارت خلاف مظاهرا ڪري رهيا آهن ته جيئن دنيا جو ڌيان والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ جاري ڀارتي ظلم طرف ڇڪرائي سگهجي واضح رهي ته والاريل جمون ڪشمير ۾ قابض ڀارتي انتظاميا پاڪستان جي حق ۽ ڀارت خلاف مظاهرا روڪڻ لاءِ پوري علائقي خاص ڪري سرينگر ۾ پابنديون سخت ڪري ڇڏيون آهن

* * *

آپگهات ڪري ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا مطابق پوليس ٻڌايو ته آفيسر مسڪيگي ڪائونٽي جي هڪ گهر ۾ فائرنگ جي اطلاع تي پهتا، جتي کين 3 ماڻهو مئل ۽ هڪ شديد زخمي حالت ۾ مليو پوليس ٻڌايو ته شڪي ماڻهو جاءِ هڪ مين قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن جي پهچڻ کان اڳ ئي واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي چڪو هو جنهن بعد ان جي ڳولا لاءِ وڏي پيماني تي ڪارروائي شروع ڪئي وئي ڳولا دوران اهلڪارن کي هڪ ٻئي گهر مان چوٿين شخص جو لاش به مليو پوليس مطابق هڪ مين جي گاڏي ڪالڊيول ٽائون شپ ۾ وٽلاگ ڊنڊ ويجهو ڏٺي وئي، جنهن بعد اهلڪارن ٻيلي مان هڪ مين ۽ هڪ ٻئي قتل ٿيل شخص جا لاش هٿ ڪيا. فوري طور تي ان واقعي جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو اختيارين ٻڌايو ته واقعي جي جاچ جاري آهي

* * *

لوڏن جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي ايوان صدر جي پريس ونگ موجب چنڇر ڏينهن ايڪس تي جاري بيان ۾ صدر مملڪت پاڪستان جي عوام طرفان زلزلي سبب فوت ٿي ويلن جي وارثن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو آهي ۽ ڏک جي هن گهڙي ۾ انڊونيشيا جي حڪومت ۽ عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو هن چيو ته پاڪستان هر ممڪن امداد فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي صدر مملڪت زلزلي سبب زخمي ٿيلن جي جلد صحتيابي جي دعا پڻ ڪئي

* * *

۽ عوام کي سندن قومي ڏينهن ۽ يوم آزادي تي مبارڪون ڏنيون آهن چنڇر تي ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق صدر مملڪت پنهنجي خط ۾ ان ڳالهه کي اجاگر ڪيو ته پاڪستان ڏکڻ ڪوريا سان پنهنجي دوستاڻن لاڳاپن کي انتهائي قدر جي نظر سان ڏسي ٿو هن چيو ته گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان گڏيل اعتماد، ويجهي سهڪار ۽ ٻه طرفا گهڻ رخي رابطن تي ٻڌل انهن لاڳاپن ۾ مسلسل اضافو ٿيو آهي صدر مملڪت آصف علي زرداري ان اعتماد جو اظهار ڪيو ته ٻئي ملڪ گڏيل دلچسپي جي شعبن سميت سياسي رابطن، واپار سيڙپڪاري ۽ عوامي سطح تي رابطن ۾ سهڪار کي هٿي ڏيندا رهندا. صدر مملڪت چيو ته هو ٻنهي ملڪن ۽ سندن عوام جي گڏيل مفاد لاءِ ٻه طرفا شراڪتداري کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڏکڻ ڪوريا جي قيادت سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو خواهشمند آهي

* * *

زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اختيارين ٻڌايو ته حادثو رياست اتراکنڊ ۾ پيش آيو جتي پوروهيت سرڪاري هائيڊرو پاور منصوبي لاءِ سرنگ جي تعمير ۾ مصروف هئا. رياستي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي مطابق 3 پوروهيت اڃان به گم آهن جڏهن ته 19 کي ريسڪيو ڪيو ويو آهي اهو حادثو ٽيهري هائيڊرو ڊولپمينٽ ڪارپوريشن جي منصوبي تي پيش آيو واضح رهي ته اتراکنڊ ۾ گذريل ڪجهه ڏينهن کان شديد مون سون برساتون جاري آهن

* * *

آهي ته فورسز بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪري دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو مراد علي شاهه چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوري قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي فتنہ الهند جا ڀاڙي عنصر ملڪ جو امن تباهه ڪرڻ چاهين ٿا پر کين پنهنجي ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو وڏي وزير چيو ته سنڌ صوبو سيڪيورٽي ادارن جي قربانين ۽ وطن عزيز جي دفاع لاءِ سندن عزم کي سلام پيش ڪري ٿو دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون قوم ڪڏهن به وساري نه سگهندي هن چيو ته دشمن کي سندس ئي زبان ۾ جواب ڏنو ويندو بزدلاڻا دهشتگرد حملا اسان جو عزم ڪمزور نٿا ڪري سگهن امن جي دشمنن لاءِ ملڪ جو ڪو به ڪنڊو محفوظ نه رهندو ۽ کين عبرت جو نشان بڻايو ويندو مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان جا عوام ۽ سيڪيورٽي ادارا گڏجي دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل خاتمو ڪندا ۽ ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو

جشن آزادي جي موقعي

شهدادپور : سپليمينٽ

پيشڪش: مهدي حسن پنهور

جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي موقعي تي اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاري ۽ صدرالدين شاهه ۽ حر جماعت فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻن ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

پاران
فقير محمد بخش خاصخيلي
(فنڪشنل مسلم ليگ اڳوڻو ايم پي اي شهدادپور)

جشن آزادي مبارڪ

آزادي جي موقعي تي تمام اهل وطن، سنڌ ۽ شهدادپور واسين کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. رب تعاليٰ کان پياري وطن پاڪستان جي لاءِ دعاگو آهيان ته پاڪستان هميشه شاد و آباد قائم ۽ دائم هجي

پاران
رانا انور جمال ـ ونود ڪمار
انور جمال پيرادائز گرين سٽي شهدادپور

جشن آزادي مبارڪ

آزادي جي موقعي تي تمام اهل وطن، سنڌ ۽ شهدادپور واسين کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. رب تعاليٰ کان پياري وطن پاڪستان جي لاءِ دعاگو آهيان ته پاڪستان هميشه شاد و آباد قائم ۽ دائم هجي

پاران
سجاد علي جوڻيجو
چيئرمين ٽائون ڪاميٽي جتيا شهدادپور

جشن آزادي مبارڪ

آزادي جي موقعي تي تمام اهل وطن، سنڌ ۽ شهدادپور واسين کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. رب تعاليٰ کان پياري وطن پاڪستان جي لاءِ دعاگو آهيان ته پاڪستان هميشه شاد و آباد قائم ۽ دائم هجي

پاران
قمرالدين راهپوٽو
اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادپور

جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي سينيٽر سردار فدا حسين ڏيرو ۽ ايم پي اي شاهد عبدالسلام ٿهيم ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

پاران
سڪندر علي ڏيرو
(پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ ملدسي شهدادپور)

جشن آزادي مبارڪ

آزادي جي موقعي تي تمام اهل وطن، سنڌ ۽ شهدادپور واسين کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. رب تعاليٰ کان پياري وطن پاڪستان جي لاءِ دعاگو آهيان ته پاڪستان هميشه شاد و آباد قائم ۽ دائم هجي

پاران
ڊاڪٽر عبدالستار ڏيٽو
زم زم پيٽروليم سروس شهدادپور

جشن آزادي مبارڪ

آزادي جي موقعي تي تمام اهل وطن، سنڌ ۽ شهدادپور واسين کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. رب تعاليٰ کان پياري وطن پاڪستان جي لاءِ دعاگو آهيان ته پاڪستان هميشه شاد و آباد قائم ۽ دائم هجي

پاران
اشتياق احمد قريشي
سياسي و سماجي شخصيت شهدادپور

جشن آزادي مبارڪ

جشن آزادي جي موقعي تي اعليٰ حضرت پير سائين پاڳاري ۽ صدرالدين شاهه ۽ حر جماعت فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻن ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

پاران
فقير غلام مصطفي ڪيريو
صدر فنڪشنل مسلم ليگ تعلقه شهدادپور

جشن آزادي مبارڪ

آزادي ۽ جي موقعي تي تمام اهل وطن ، سنڌ ۽ شهدادپور واسين کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. رب تعاليٰ کان پياري وطن پاڪستان جي لاءِ دعا گو آهيون ته وطن پاڪستان هميشه شاد آباد رهي.

شهزاد مغل
اسسٽنٽ مختيارڪار سنجهورو
پاران

اهل وطن کي جشن آزادي مبارڪ.

محمد انور آرڪيٽيڪٽ يونائيٽيڊ بلڊرس ڊولپمينٽ شهدادپور

حيدرآباد ۾ شادي جو ڏنو ڏئي قيد ڪيل پرڏيهي ناري بازياب، عدالتي بيان بعد ملڪ واپس

نوجوان انڊونيشا جي ناري کي انٽرنيٽ ذريعي دوستي بعد شادي ڪرڻ جو وچن ڪري حيدرآباد گهرائي قيد ڪيو

وومن ڊولپمينٽ پاران مليل ناري جي پيغام پوليس کي بازيابي لاءِ درخواست ڏني پر پوليس ناري نہ هجڻ چيو

عدالتي حڪم بعد پوليس ناري کي بازياب ڪرائي پيش ڪيو، بيان بعد ناري وطن واپس ٿي

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي/ مختيار برڦت) حيدرآباد ۾ پرڏيهي ناري کي شادي جو ڏنو ڏئي ڪيس قيد ڪندڙ نوجوان جي گهر مان ناري بازياب ڪئي وئي عدالت ۾ بيان رڪارڊ ڪرڻ بعد واپس ملڪ روانو ٿي وئي ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب هڪ نوجوان قاسم آباد جي نسيم نگر ريونيو ڪالوني ۾ پرڏيهي انڊونيشا جي ناري کي انٽرنيٽ ذريعي دوستي ٿيڻ بعد ساڻس شادي ڪرڻ جو وچن ڪيو جنهن واعدي تحت ناري سنڌ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ ۽ بازياب ڪرايل پرڏيهي ناري ٿاڻي تي ويٺل آهي

دادو ۾ فرج مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب معصوم ٻارڙي فوت، گهر ۾ ڪهرام

مريد گوپانگ ڪالوني ۾ 7 ورهين جي ٻرائي ڌي ڪاشف گوپانگ ڪرنٽ لڳڻ سبب بيهوش ٿي وئي

وارث معصوم نينگري ڪنائي اسپتال پهتا جتي ڊاڪٽرن نينگري جي تصديق ڪئي تہ ڪهرام مچي ويو

دادو (ڊ-ر) دادو شهر جي مريد گوپانگ ڪالوني جي گهر اندر فرج مان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 7 سالا پرائي ڌيءَ ڪاشف گوپانگ بيهوش ٿي وئي جنهن کي گهرڀاتين فوري طور دادو ڊي ايڇ ڪيو اسپتال جي ايمرجنسي شعبي ۾ علاج لاءِ آندو جتي ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽر پاران نينگري جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. جنهن بعد نينگري جو لاش قانوني ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو نينگري جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ٻي طرف شهر جي شاهي بازار ۾ ڏيڍ سالا عشره ڌيءَ بلاول مغل گهر اندر زهريلي جيٽ مار دوا پيئي ڇڏي جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ دادو ڊي ايڇ ڪيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ هٿياربندن جي حملي ۾ چوڪيدار زخمي، اسپتال داخل

واپڊا ڪالوني ۾ هٿياربندن ملو ولد صديق ڪنڀار کي زخمي ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي جي واپڊا ڪالوني ۾ گذريل رات چئن نامعلوم نقاب پوش ماڻهن ڪالوني جي چوڪيدار ملو ولد محمد صديق ڪنڀار تي حملو ڪري ڪيس سخت تشدد جو نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو تفصيل موجب گذريل رات چار نامعلوم نقاب پوش ماڻهو واپڊا ڪالوني ۾ داخل ٿيا ۽ چوڪيدار ملو ڪنڀار کي مبينا طور سخت تشدد جو نشانو بڻايو حملو ڪندڙ چوڪيدار کي زخمي حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا. واقعي ڪانيءَ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ زخمي چوڪيدار کي ميڊيڪل ليٽر جاري ڪري طبي امداد لاءِ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل نينگر جي وارثن جو احتجاج، ڊرائيور کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) گذريل رات سکر جي اسٽيڊيم روڊ تي مزدا گاڏي جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل معصوم حسن علي ولد ساجد علي ميراڻي جي وارثن ۽ علائقي واسين جوابدار ڊرائيور جي گرفتاري نہ ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو احتجاج دوران سکر پريس ڪلب چوڪ جي چوڌاري شهر ڏانهن ايندڙ ۽ ويندڙ سمورا رستا بند ٿي ويا، جنهن سبب ٽريفڪ جي رواني سخت معطل ٿي ۽ شهرين کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو مظاهرين عبرت کي ٻڌايو تہ هڪ معصوم ٻار کي مبينا طور مزدا گاڏي ماڻهن جي سامهون چيڀاٽي موت جو شڪار بڻايو پر افسوس جو واقعي کان پوءِ ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مظاهرين الزام لڳايو تہ پوليس طرفان اڃا تائين جوابدار جي گرفتاري لاءِ اثرائتي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سردار منظور احمد ڪاڪڙ نواب آف جوناگڙهه مرتضيٰ خان پرچم ڪشائي ڪندي

شادي لارج ويجهو تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ مائٽن وٽ گهمڻ آيل نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽرڪول هاءِ وي تي چيما پيٽروليم سروس وٽ حادثي ۾ فرحان ڪيري سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي بدين اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نہ سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو تہ وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

پوليس لاش پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڪار تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڏني

شادي لارج(رپورٽ غلام رسول بروهي) شادي لارج مقتل گاهہ بڻيل ٽرڪول هاءِ وي تي چيما پيٽروليم سروس وٽ انڌوناڪ حادثو تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ ڪيري ڪان مائٽن وٽ شادي لارج گهمڻ آيل فرحان ڪيري سخت زخمي حالت ۾ بدين اسپتال پهچندي سورن جا سٽ نہ سهندي فوت حادثو ڪندڙ ڊرائيور سميت ڪار ۾ سوار سمورا ماڻهو فرار ٿي ويا حد جي پوليس خراب حالت ۾ بيٺل ڪار کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو.فوتي شاگرد جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. ٽرڪول هاءِ وي جي مقتل گاهہ بڻيل شادي لارج لڳ ڀائي پاس تي نامعلوم تيز رفتار ڪار جي ٽڪر سبب موٽر سائيڪل سوار فرحان ولد ملوڪ ڪيري کي زوردار ٽڪر هڻيو سخت زخمي ٿيل کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ بدين انڊس اسپتال نيو ويو هو شديد زخمن جا سور نہ سهندي اسپتال دم ڏيئي ڇڏيو حادثي ڪانيءَ نامعلوم ڪار سوار ڊرائيور سميت موقعي تان فرار ٿي ويا شادي لارج پوليس حادثو ڪندڙ ڪار کي تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ جوابدار هٿ اچي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: سائيٽ ايريا جا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

هالا ۾ ڳوٺاڻن جو منشيات فروشن خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

هالا (ن ع) هالا جي ڳوٺ سلطان سهتو جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران هالا پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪيو ويو. ڳوٺاڻن جاويد سهتو ، شوال سهتو ۽ محمد جمن سهتو جي اڳواڻيءَ ۾ منشيات فروش گل سهتو واسي وسيم سهتو خلاف احتجاج ڪندي چيو تہ منشيات فروش وسيم سهتو اسان مردن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ بدامني هڪ ئي ڪلاڪ ۾ موٽر سائيڪل ڦر، مزاحمت تي نوجوان زخمي، متاثرن جو ڌرڻو

باگو پٽو روڊ تي هٿياربندن نوجوان اربيلو شر کي گولين هڻي زخمي موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا

هٿياربند ونگو روڊ تي ڊي ايس پي ويجهو ڏهين ڪوڪر ۽ ٺٽون ڪوٽ پرسان غلام نبي گولو کان موٽر سائيڪلون ۽ سامان ڦري ويا

زخمي اربيلو شر جي وارثن پاران نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو، ڊي ايس پي پهچي انصاف جو يقين ڏياري روڊ کولرايو

ميرپور ماٿيلو (ايس ايس پي گهوٽڪي جي نااهلي سبب گهوٽڪي ضلعي جي سمورن شهرن ۾ ڌوهاري بي قابو بڻيل آهن جنهن سبب چوريون ڦريون ڌاڙا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن پڻ باگو پٽو روڊ تي موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن نوجوان اربيلو شر کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ نوجوان مزاحمت ڪئي جنهن تي هٿياربند ڌوهارين جنگهہ تي گولين هڻي زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا اطلاع تي شر برادري جي سوين ماڻهن واقعي واري هنڌ پهچي باگو پٽو وٽ نيشنل هاءِ وي تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب هڪ ڪلاڪ تائين سنڌ پنجاب ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل رهي ٻي پاسي ونگو روڊ تي ڊي ايس پي هائوس ويجهو ڳوٺ محمد بخش ڪوڪر جي رهواسي ڏهين ڪوڪر

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پي ايس 30 تي 133337 مرد ۽ 121943 عورتون پنهنجي اميدوارن کي نامزد ڪنديون

مردن لاءِ 53 پولنگ اسٽيشن قائم آهن ۽ عورتن لاءِ 52 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا

گمبٽ: جڏهن تہ صوبائي تڪ گمبٽ سوڀوديرو پي ايس 30 ۾ ٽوٽل ووٽ 254980 رجسٽرڊ داخل آهن جن مان مردن جا 133337 عورتن جا 121943 شامل آهن جڏهن تہ پوري تڪ ۾ ٽوٽل پولنگ اسٽيشن 164آهن جن ۾ مردن لاءِ 53 پولنگ اسٽيشن قائم آهن ۽ عورتن لاءِ 52 پولنگ اسٽيشن شامل آهن ۽ مردن ۽ عورتن جي لاءِ گڏيل 59 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيون ويون آهن ۽ عارضي 16 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ پي ايس 30 ۾ ٽوٽل بوٿ 592 قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ مردن لاءِ 302 بوٿ قائم ڪيا ويا آهن ۽ عورتن لاءِ 290 بوٿ قائم ڪيا ويا آهن

سنڌ پبلڪ سروس پاران گڏيل چونڊ پيٽي امتحان جا حتمي نتيجا جاري

امتحاني عمل صوبائي کاتن جي مختلف عهدن لاءِ 21 اميدوارن جي سفارش سان مڪمل ٿيو

پرووِنشل مئنيجمينٽ سسٽم لاءِ 6 ۽ ڊي ايس پي جي عهدن لاءِ 15 اميدوار ڪامياب قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) گڏيل چونڊ پيٽي امتحان (CCE-2024)جا حتمي نتيجا جاري ڪري ڇڏيا آهن امتحاني عمل جيڪو ڪيترن ئي مرحلن تي مشتمل هو صوبائي کاتن جي مختلف عهدن لاءِ 21 اميدوارن جي سفارش سان مڪمل ٿيو ميرٽ جي بنياد تي ڀرتي وارو سلسلو شفافيت ۽ سخت معيارن جي مطابق عمل ۾ آندو ويو آهي ايس پي ايس سي پاران جاري ڪيل نتيجن ۾ پرووِنشل مئنيجمينٽ سسٽم (پي ايم ايس) (بي پي ايس 17) لاءِ 06 اميدوارن کي ڪامياب قرار ڏنو ويو آهي جڏهن تہ ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ (ڊي ايس پي) (بي پي ايس 17) لاءِ 15 اميدوارن سوڀ ماڻي آهي واضع رهي تہ ايس پي ايس سي پاران سي سي اي 2024 لاءِ اشتهار جاري ڪيو ويو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

دادو: چوري جي الزام هيٺ آيل ٻارڙيون ۽ دڪاندار تفصيل ٻڌائي رهيو آهي

دادو ۾ مبينا دڪان مان چوري الزام ۾ ٻہ نينگريون گرفتار، جاچ شروع

نينگريون دڪان تان لک ڪڍي فرار ٿيون پيڇو ڪري کين پڪڙي پوليس حوالي ڪيو: محرم ملاح

پوليس دڪاندار جي فرياد تي جي اين سي داخل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني

دادو(ڊ-ر) دادو شهر جي جيسر پيٽرول پمپ پرسان سنڌ ڪميونيڪيشن ايزي پيسا جي دڪاندار محرم ملاح صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ 2 نينگريون فون چارجر وٺڻ بهاني دڪان تي آيون چارجر خريد ڪري بغير پيسن جي فرار ٿيڻ لڳيون جن جو پيڇو ڪيو تہ پويان دڪان تي اڻسڃاتل شخص خاني پيل 3 لک روپيا ڪڍي فرار ٿي ويو فرار ٿيل 2 نينگريون هٿ ڪري پوليس حوالي ڪيون آهن واقعي جي اين سي رپورٽ پڻ دادو بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي. هن ايس ايس پي دادو ۽ ڊي ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور دوڪان مان چوري ڪري فرار ٿيل اڻسڃاتل شخص کي گرفتار ڪري پوليس حوالي ڪيل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ثقافت کاتي پاران منعقد ڪيل تقريب ۾ فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت چار ڄڻا فوت

نادرن باءِ پاس ويجهو گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل تي سوار عورت تسليما فوت ٿي وئي

سولجر بازار رامسوامي ويجهو رهائشي عمارت مان 29 سالن جي جنيد جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۽ واقعن ۾ 4 ڄڻا فوت، جڏهن تہ 4 ڄڻا زخمي ۽ عورتن سميت چار ڄڻا بيهوش حالت ۾ اسپتال منتقل تفصيل موجب نادرن باءِ پاس افغان ڪٽ انڊس چوڪ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 45 سالن جي عورت تسليما زال عبدالله فوت ٿي وئي آهي جڏهن تہ 55 سالن جو عبدالله زخمي ٿي پيو سولجر بازار ٿاڻي جي حد رامسوامي جي ويجهو رهائشي عمارت مان 29 سالن جي جنيد ولد محمد جاويد جو لاش مليو متوفي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي سرجاني

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

انڊونيشيا ۾ 7.7 شدت جو زلزلو، فوتين جو انگ 20 ٿي ويو

ڇنڇر جي صبح شديد زلزلو آيو ڪيترائي آفٽر شاڪس پڻ محسوس ڪيا ويا

زلزلي جو مرڪز زمين اندر تقريبن 35 ڪلوميٽر جي اونهائي ۾ هو سونامي وارننگ بہ جاري

جڪارتا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) انڊونيشيا جي سمنڊ ڪناري پرسان 7.7 شدت سان آيل زلزلي ڪانيءَ مختلف حادثن ۾ فوتين جو انگ 20 ٿي ويو آهي پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، انڊونيشيا جي ساموڊي ڪناري ويجهو ڇنڇر جي صبح شديد زلزلو آيو جنهن ڪانيءَ ڪيترائي آفٽر شاڪس پڻ محسوس ڪيا ويا. زلزلو ماپ مرڪز موجب زلزلي جي شدت 7.7 رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن تہ زلزلو مقامي وقت موجب صبح 4 لڳي 58 منٽن تي آيو زلزلي جو مرڪز زمين اندر تقريبن 35 ڪلوميٽر جي اونهائي ۾ هو زلزلي ڪانيءَ انڊونيشيا جي جيو فزڪس ايجنسي طرفان شروعاتي طور سونامي جي وارننگ جاري ڪئي وئي.

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

اي اين ايف جون ڪارروائيون، 2 عورتن سميت 11 جوابدار گرفتار

جوابدارن جي قبضي مان هڪ ڪروڙ 27 لک روپين کان وڌيڪ جي منشيات هٿ

عورت سميت ٻن جوابدارن جي پيٽ مان 200 گرام وزني ڪوڪين سان ڀريل 10 ڪيپسول مليا

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪارروائين دوران ٻن عورتن سميت11 جوابدارن کي گرفتار ڪري انهن جي قبضي مان 1 ڪروڙ 27 لک روپين کان وڌيڪ جي منشيات هٿ ڪري ورتي آهي اي اين ايف ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب ڪارروائين ۾ ڪراچي ڪوريئر آفيس ۾ نيوزيلينڊ ويندڙ پارسل مان ڪپڙن ۾ جذب ڪيل 2.900 ڪلو گرام آئس هٿ آئي جڏهن تہ اسلام آباد ائيرپورٽ تي جده ويندڙ عورت سميت ٻن جوابدارن جي پيٽ مان 200 گرام وزني ڪوڪين سان ڀريل 10 ڪيپسول هٿ ڪيا ويا. سنجاڻي ٽول

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر: مزدا جي ٽڪر ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

پي سي بي چيئرمين جو ڪرڪيٽ شوقينن لاءِ سرپرائز جو اعلان

شاداب خان، صاحبزادہ فرحان ۽ فخر زمان سميت ڪيترائي رانديگر ايڪشن ۾ آهن

نيشنل چيمپئن شپ ڪپ جو ايڪشن سڌو سنئون جاري آهي: محسن نقوي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) جي چيئرمين محسن نقوي ڪرڪيٽ شوقينن لاءِ جشن آزادي جي موقعي تي سرپرائز جو اعلان ڪري ڇڏيو محسن نقوي چيو تہ نيشنل چيمپئن شپ ڪپ جو ايڪشن سڌو سنئون جاري آهي، جڏهن تہ شوقينن جا ڪيترائي پسنديدا اسٽارز ميدان ۾ ايڪشن ۾ نظر ايندا. هن چيو تہ شاداب خان صاحبزادہ فرحان ۽ فخر زمان سميت ڪيترائي رانديگر ايڪشن ۾ آهن پنهنجي دوستن ۽ ڪٽنب سان گڏ اسٽيڊيم اچي ميچن مان لطف اندوز ٿيو محسن نقوي خوشخبري ٻڌائيندي چيو تہ ملتان ڪرڪيٽ اسٽيڊيم ۾ شوقينن لاءِ مفت داخلا 3 وڳي کان هوندي.

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مورو مان 3 ڏينهن اڳ گم ٿيل پوڙهيت جو لاش کوهہ مان هٿ، گهر ۾ ڪهرام

نيو بسم الله ٽائون جي پراڻي کوهہ ۾ لاش جي اطلاع پوليس ڪڍرائي اسپتال منتقل ڪيو

اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد گل محمد ماڇي جو لاش پوليس وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

مورو (ن ع) مورو بائي پاس جي نيو بسم الله ٽائون ۾ پراڻي کوهہ مان اندران هڪ لاش هٿ آيو آهي جيڪو 3ڏينهن کان گم هو جنهن جي اڌڙوٽ شخص جي لاش جي سڃاڻپ نالي گل محمد ماڇي پٽ چنيسر ماڇي ويٺل سنڌ ڪالوني مورو طور ٿي آهي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر واقعي واري هنڌ پهچي معائنو ڪري لاش کي پوليس تحويل ۾ وٺي مورو اسپتال منتقل ڪيو اطلاع تي فوتي جا وارث بہ واقعي واري هنڌ پهتا لاش قانوني ڪارروائي ڪانيءَ وارثن حوالي ڪيو ويو تہ ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پنهنجي ويجهڪي لاش کي ڪٺائي گهرڪٺائي ويا موت جو ڪارڻ فوري طور تي معلوم نہ ٿي سگهيو آهي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

هالا : ڳوٺاڻا منشيات فروشن خلاف احتجاجي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ۾ نصرپور واسي جو وڏيري جي ڪهرواري جي ظلمن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ نصرپور جي ڳوٺ سومرا موري جو رهواسي اصغر علي سومرو وڏيري جي ڪهرواري جي ظلمن کان تنگ ٿي انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو. ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڳوٺاڻي اصغرعلي سومري صحافين آڏو دانهيندي چيو تہ آئون

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پي ايس 30 تي چار اميدوار ميدان ۾ اصل مقابلو پ پ، تحريڪ لبيڪ ۽ آزاد اميدوار مقابلو ڪندا

پ پ پاران اسفنديار لبيڪ جي موسيٰ ٻرڙو، آزاد اميدوار غلام علي اڄڻ، تصور حسن ۽ ٻيا ميدان ۾ لٿل

گمبٽ : صوبائي تڪ گمبٽ سوڀوديرو پي ايس 30 تي چونڊيون اڄ ٿينديون جن ۾ چار اميدوار ميدان ۾ لٿل مقابلو پ پ جي بيرسٽر اسفنديار ڪرل ۽آزاد اميد وارن وچ ۾ ٿيندو اميدوارن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو اسفنديار ڪرل تحريڪ لبيڪ جو محمد موسيٰ ٻرڙو آزاد اميدوار ايڊووڪيٽ غلام علي اڄڻ آزاد اميدوار سيد تصورحسن مهدي آزاد اميدوار اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيا آهن

سنڌ حڪومت لائيو اسٽاڪ شعبي جي ترقي لاءِ عملي قدم کڻي پئي: ملڪاڻي

صوبائي وزير جي صدارت هيٺ رجسٽريشن اينڊ ٽريڊ اٿارٽي بورڊ جو اهم اجلاس ٿيو

جانورن جي سڃاڻپ ۽ رڪارڊ کي بهتر بڻائڻ جي حوالي سان مختلف تجويزن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ لائيو اسٽاڪ رجسٽريشن اينڊ ٽريڊ اٿارٽي جي بورڊ آف مئنيجمينٽ جو هڪ اهم اجلاس سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ (SIAH) ڪراچي ۾ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز سنڌ محمد علي ملڪاڻي جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي ڊي جي سنڌ لائيو اسٽاڪ رجسٽريشن اينڊ ٽريڊ اٿارٽي ڊاڪٽر نذير حسين ڪلهوڙو ايڊيشنل سيڪريٽري فنانس ڊپٽي سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ محمد عمران ۽ نيشنل فوڊ سيڪيورٽي اينڊ ريسرچ اسلام آباد واري وزارت جي نمائندن شرڪت ڪئي ملاقات دوران ڊي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو پوليس جو سرچ آپريشن، ڪيترائي شڪي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

ميرپورماٿيلو (ن ع) گهوٽڪي ضلعي جي مختلف ٽائون ميرپور ماٿيلو داد لغاري يارو لنڊ ٻيلو ميرپور پوليس جي اڪالن ڊي ايس پي ميرپور ماٿيلو جي اڳواڻي ۾ خفيہ اطلاع ملڻ بعد ايف ايف سي پرسان ليبر ڪالوني ۾ سرچ آپريشن ڪري گهرن جي تلاشي ورتي وئي ۽ ڊرون پڻ اڏايا ويا ان موقعي تي پوليس ڪيترن ئي شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري تحويل ۾ وٺي ٿاڻي تي ڪٺي وئي جتي پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي ٻي پاسي ان سلسلي ۾ ميڊيا

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ مخالف منصوبن خلاف عوامي ڪانفرنس منعقد

ڪانفرنس ۾ ايڊووڪيٽ وسند ٿري، ساجد حسين مهيسر، عمره سمون، امداد قاضي، جامي چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اسٽيبلشمينٽ ملڪ ٺهڻ شرط ملڪ جي خالق قومن جي وسيلن، زمينن ۽ ملڪيت تي قبضو ڪري ورتو: وسند ٿري

ڪانفرنس کي ايڊووڪيٽ سجاد چانڊيو، روشن ٻرڙو، هوت خان گاڏهي، سيد محمد صديق آغا ۽ ٻين خطاب ڪيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ لاءِ سر ۾ قربان ڪنداسين سنڌجي زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضن جلاليور سميت سمورن ڪئنالن ۽ ڊيمن جي تعمير خلاف عوامي تحريڪ طرفان ڊي-10 پليجو هائوس قاسم آباد، حيدرآباد ۾ عوامي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي ڪانفرنس ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون ڪميونسٽ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: عوامي تحريڪ جي ڪانفرنس کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

پنگريو جي صحافي پير علي مراد شاهہ جي ضمانت منظور، صحافين ۾ خوشي جي لهر

پنگريو (ن ع) پنگريو جي سينيئر صحافي ۽ پريس ڪلب پنگريو جي جنرل سيڪريٽري پير علي مراد شاهہ جي ضمانت منظور ٿيڻ کان پوءِ ڪيس ڊسٽرڪٽ جيل بدين مان آزاد ڪيو ويو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين جي عدالت ۾ ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي، جتي صحافي جي وڪيل زمان ڏوڙ ايڊووڪيٽ دليل پيش ڪيا عدالت وڪيل جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ پير علي مراد شاهہ جي ضمانت منظور ڪرڻ جو حڪم ڏنو جنهن کان پوءِ سندس جيل مان آزادي عمل ۾ آئي پير علي مراد شاهہ جي آزادي جي خبر پکڙجڻ شرط صحافين واپارين سياسي سماجي اڳواڻن ۽ قومپرست تنظيمن جي ڪارڪنن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي جيل جي ٻاهران سندس شاندار آجيان ڪئي وئي جڏهن تہ بدين کان پنگريو روانگي دوران رستي ۾ مختلف هنڌن تي شهرين ۽ ڪارڪنن پاران سندس پرتپاڪ آجيان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ 2 ڏينهن اڳ سوناري کان 32 تولا سون چوري ڪرڻ واري معاملي جو ڊراپ سين

جاچ ڪرڻ بعد سون چوري ڪندڙ دڪان تي ويهندڙ دانش جويو پاڻ نڪتو: پوليس

دڪان مالڪ زين جويو ڪربلا ۽ ايران جي زيارت وڃڻ کان اڳ دڪان سڱوٽ دانش حوالي ڪيو هو

دادو(ڊ-ر) دادو شهر جي شاهي بازار ۾ 2 ڏينهن اڳ سوناري کان 32 تولا سون چوري ڪرڻ واري معاملي جو ڊراپ سين، 32 تولا سون چوري ڪندڙ دڪان جو مالڪ دانش جويو ۽ سندس سالو راشد جويو نڪتو دادو پوليس موجب معاملي جي مختلف رخ کان جاچ ڪرڻ بعد سون چوري ڪندڙ دڪان تي ويهندڙ دانش جويو پاڻ نڪتو آهي جيڪو دوڪان مالڪ زين جويو جو سڱوٽ آهي جيڪو هن وقت ڪربلا ۽ ايران جي زيارت تي ويل آهي جيڪو دڪان تي پنهنجي سڱي سڱوٽ کي ويهاري ويو هو جنهن پنهنجي سالي راشد جويو سان ملي ڊرامو ڪري 32 تولا سون چوري ڪرڻ جو ڪوڙو ڊرامو ڪيو آهي هن وقت دانش جويو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: موٽر سائيڪل سان ٿيل حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو لاش

ڪوٽڙي ٽائڪ فلائي اوور پل تي موٽر سائيڪل کي حادثو، نوجوان فوت

حادثي ۾ خورشيد چوڪ جو رهواسي سراج الدين ولد محمد اسحاق پٺاڻ فوت ٿي ويو

نوجوان جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو، حادثي جو سبب معلوم نہ ٿي سگهيو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ٽائڪ فلائي اوور پل مٿان پيش آيل روڊ حادثي ۾ پٺاڻ برادري سان تعلق رکندڙ 16 کان 17 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو حادثي ڪانيءَ نوجوان جو لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو ويو جتي وارثن کي اطلاع ڏنو ويو. فوتي نوجوان جي سڃاڻپ سراج الدين ولد محمد اسحاق پٺاڻ طور ٿي آهي جيڪو خورشيد چوڪ ڪوٽڙي جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو اطلاع ملڻ تي نوجوان جا وارث اسپتال پهتا ۽ ضروري قانوني ۽ طبي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش سندن حوالي ڪيو ويو ذريعن موجب حادثو ڪوٽڙي ٽائڪ فلائي اوور پل تي ان وقت پيش آيو جڏهن نوجوان اڪيلو هو.

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ملڪ برادري جو ذهني مريض نوجوان کي پوليس پاران هاف فراءِ ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين عرفان ملڪ، خير محمد ملڪ، حماد الله ملڪ، سيد حزب الله شاهہ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سي سيڪشن پوليس ذهني مريض رحيم بخش عرف راجا ملڪ کي 6 ڏينهن اڳ ڪوڙو مقابلو ڏيکاري ماريو آهي: مظاهرين

وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ، آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سکر واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪن

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي ٻجل شاهہ جي رهواسي ملڪ برادري سان تعلق رکندڙ وڏي انگ ۾ ماڻهن سکر پريس ڪلب آڏو ٿاڻي سي سيڪشن پوليس پاران مبينا طور جعلي پوليس مقابلو ظاهر ڪري ذهني مريض رحيم بخش عرف راجا ملڪ کي فائرنگ ڪري زخمي ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي مظاهرين ۾ شامل عرفان ملڪ خير محمد ملڪ حماد الله ملڪ سيد حزب الله شاهہ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ رحيم بخش عرف راجا ملڪ ذهني طور بيمار آهي ۽ تقريبن ڇهہ ڏينهن اڳ ٻجل شاهہ مياڻي ۾ قائم پنهنجي گهر مان نڪري ويو هو رات ٿيڻ بعد وارثن ۽ علائقي واسين سندس ڳولا شروع ڪئي پر سمورين ڪوششن باوجود سندس ڪو پتو نہ پئجي سگهيو وارث گذريل ڇهن ڏينهن کان لاپتا نوجوان جي ڳولا ۾ مصروف هئا جڏهن تہ گذريل ڏينهن سوشل ميڊيا ذريعي معلوم ٿيو تہ هڪ مبينا پوليس مقابلي دوران رحيم بخش عرف راجا ملڪ کي فائرنگ ڪري

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سکر: ملڪ برادري جا ماڻهو مبينا جعلي پوليس مقابلي خلاف احتجاج ڪندي

خيرپور چلڊرن اڪيڊمي ۾ جشن آزادي جي حوالي سان چلڊرن گيم شو جو اهتمام ڪيو ويو

خيرپور(ڊ-ر)خيرپور چلڊرن اڪيڊمي ۾ جشنِ آزادي جي حوالي سان چلڊرن گيم شو جو اهتمام ڪيو ويو تقريب ۾ فاطميہ سادات ويلفيئر فائونڊيشن پاڪستان (رجسٽرڊ) جي چيئرمين سيد ثمر عباس نقوي ۽ ريجنل يونين آف جرنلسٽس پاڪستان، سکر ڊويزن جي صدر عبدالمجيد پنهور

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار شهر ۾ نينگري گولي لڳڻ سبب فوت، پوليس پاران جي آءِ ٽي جوڙي وئي

جناح ٽائون ۾ 16 ورهين جي نينگري فروا ڌيءَ زبير قائمخاني گولي لڳڻ سبب فوت ٿي وئي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي جناح ٽائون ۾ 16 سالا نينگري فروا ڌيءَ زبير قائمخاني گولي لڳڻ ڪري ٿڏي تي فوت ٿي وئي اطلاع تي بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جتان پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو بعد ۾ ايس ايس پي سيد سليم شاهہ جناح ٽائون ۾ نينگري جي گهر پهچي واقعي واري جاءِ جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ايس ايس پي سيد سليم شاهہ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ نينگري کي گولي لڳي آهي جنهن سبب فوت ٿي آهي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي ماسري جي هر رُخ کان جاچ ڪري رهيا آهيون پوسٽ مارٽم بعد واقعي جو ڪارڻ معلوم ٿي سگهندو ايس ايس پي موجب ڊي ايس پي سٽي اعجاز پيهڻ جي اڳواڻي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

جماعت اسلامي پاران پيٽروليم ليوي خلاف اڄ گورنر هائوس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

ڪراچي امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي تہ شهباز حڪومت مهانگائي ۽ عوام تي لاڳيتو ناجائز ٽيڪسن مڙهڻ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن پيٽروليم شين تي لاڳو ليوي حڪومت جو عوام کان ناجائز ڀتا وصولي آهي. جنهن سبب معيشت تباهہ عوام بدحال ۽ ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان برپا آهي. گذريل مالي سال دوران پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 1560 ارب رپين کان وڌيڪ رقم عوام جي کيسي مان کڻي وئي ڇٽي صوبن جيان سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي ۾ بہ ظالماڻي پيٽروليم ليوي خلاف اڄ گورنر هائوس سنڌ تي ڌرڻو ڏنو ويندو جنهن ۾ عوام ڀرپور شرڪت ڪري حڪومتي ظالماڻي معاشي پاليسين خلاف پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائين فارم 47 جي بنياد تي قائم ڪيل جعلي حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ بدران نت نوان ٽيڪس لاڳو ڪري مهانگائي جو سمورو بار عام ماڻهو تي رکجي رهي آهي پيٽروليم شين تي گهري ليوي نہ رڳو سڌي ريت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافو ڪيو آهي پر ان جا اثر خوراڪ جي شين، ٽرانسپورٽ، بجلي زراعت ۽ صنعت سميت زندگي جي هر شعبي تي پئجي رهيا آهن

سکر ۾ جونيئر سائنس ٽيچر اميدوارن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

سکر(بيورو رپورٽ) جونيئر سائنس ٽيچر (JST)اميدوارن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج، پاسنگ مارڪ 55 مان گهٽائي 50 ڪرڻ جو مطالبو خبر موجب، جونيئر سائنس ٽيچر (JST)ٽيسٽ ۾ 50 کان 54 نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن سکر پريس ڪلب آڏو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي پي ايس-30 تي اڄ ضمني چونڊ، 164 پولنگ اسٽيشن قائم، سيڪيورٽي جا انتظام

سردار نعيم احمد ڪرل جي لاڏاڻي سبب خالي سيٽ پ پ پاران سندس ڀائٽي بيرسٽر اسفنديار ڪرل کي ٽڪيٽ ڏني وئي

تڪ ۾ مجموعي طور 164 پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون ويون آهن، جتي 2 لک 54 هزار 980 ووٽر ووٽ جو حق استعمال ڪند

چونڊ عمل کي صاف، شفاف ۽ پرامن بڻائڻ لاءِ ضروري انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن: ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ

خيرپور/گمبٽ(عبدالمجيدپنهور/مريد حسين ڪانوري)خيرپور جي پي ايس-30 تي اڄ ضمني چونڊ، 164 پولنگ اسٽيشن قائم سيڪيورٽي جا سخت انتظام صوبائي تڪ پي ايس-30 تي اڄ 16 آگسٽ 2026ع تي ضمني چونڊ ٿيندي، جنهن لاءِ ضلعي انتظاميا پاران پولنگ جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ پولنگ اسٽيشنن تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن.تفصيل موجب پي ايس-30 جو صوبائي تڪ سردار نعيم احمد ڪرل جي لاڏاڻي سبب خالي ٿيو هو جنهن بعد هن تڪ تي ضمني چونڊ ڪرائي پئي وڃي پاڪستان پيپلز پارٽي پاران مرحوم نعيم احمد ڪرل جي ڀائٽي بيرسٽر اسفنديار ڪرل کي پارٽي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي جڏهن تہ سندس مقابلو تحريڪ لبيڪ پاڪستان جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



Sukkur IBA University
SUKKUR IBA UNIVERSITY
MAIN CAMPUS
CAREER OPPORTUNITIES
Sukkur IBA University invites applications from dynamic, qualified and result-oriented candidates for following
Last Date for Applying is SEPTEMBER 14, 2026
NON-TEACHING POSITIONS

Department: Procurement
1. Director - Procurement (BPS-20)

Department: Planning & Development
1. Director - P & D (BPS-20)

Department: Engineering
1. Director - Works & Services (BPS-20)

Guidelines to apply
1. Interested candidates may submit online applications at **http://apply.iba-suk.edu.pk**
2. Please visit website **https://www.iba-suk.edu.pk/careers/announcements** for eligibility criteria and position requirements.
3. Candidates shall be required to submit a non-refundable challan fee of **Rs. 4,000** can be deposited in any branch of **ABL Bank.**
4. Candidates are required to upload their HEC attested degrees / Equivalence certificate issued by HEC, CNIC, domicile, PRC, relevant experience certificates, one recent photograph, and the deposited challan while applying online.
5. Candidates who are already serving in Government/Semi-Government and Autonomous bodies should apply through proper channels with NOC from their employer and should submit the same along with the application.
6. Late or Incomplete application shall not be considered. Therefore, all documents e.g. degrees, certificates, NOC, and referees should be submitted/uploaded along with the application.
7. Providing fictitious, exaggerated or misleading information shall result in rejection of application and termination of employment at any stage.
8. Only shortlisted candidates who meet the criteria shall be contacted for a Written Test/Interview at the mailing address. No TA/DA shall be admissible for Written Test/Interview.
9. The Competent Authority reserves the right to increase or decrease the number of position and accept or reject any or all the applications without assigning any reason thereof and cancel the whole recruitment process.

HRM SECTION
SUKKUR IBA UNIVERSITY - MAIN CAMPUS
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644000, 5644122

HOW TO APPLY
For details and online application, please visit our career portal:
http://apply.iba-suk.edu.pk

جشن آزادي مبارڪ
اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي 79هين جشن آزاديءَ جي موقعي تي ايم اين اي ذوالفقار ستار بچاڻي، ايم پي اي امداد خان پتافي، ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري ۽ ضلعي ٽنڊي الهيار جي عوام کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.
پاران
محمد اڪرم لنڊ
ٺيڪيدار، ٽنڊوالهيار

جشن آزادي مبارڪ
پياري پاڪستان جي 79هين جشنِ آزاديءَ جي پُرمسرت موقعي تي ادي فريال ٽالپر،وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ، ايم اين اي ذوالفقار ستار بچاڻي، ايم پي اي امداد خان پتافي، ايم پي اي سيد ضياءَ عباس شاهہ رضوي، ضلع چيئرمين مير سهيل ٽالپر، پي پي ضلع صدر ظهير عباس پتافي، ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري سميت پوري ملڪ جي غيور عوام ۽ ضلع ٽنڊوالهيار جي عوام کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.
پاران
سهيل لغاري
ايگزيڪيوٽو انجنيئر،
پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊويزن ٽنڊوالهيار



جشن آزاديءَ جي پُرمسرت موقعي تي
جشن آزادي مبارڪ
پاڪستاني عوام سميت قائم خاني برادري، ضلع ٽنڊوالهيار جي چونڊيل نمائندن، سول سوسائٽي جي ماڻهن کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.
پاران
فيض الحق صابر قائمخاني
اڳوڻو ضلعي نائب ناظم
ٽنڊوالهيار

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.